ایکتا جو اوتار



گرو نانڪ صاحب

واسواڻي

سؤچي پٽر

سمرپن

پوڄنيہ ماتا جي ڪمل چرنن ۾!

واسواڻي

Printed & Published by Mr. Dhanraj B.S.c.
at the Crown (Electric) Printing Works, Hyd. Sind.

پرسٽاونا

گرو نانڪ ديو جن جو جنم اُتسو وڏي اُتساهه سان
رآباد ۾ ملهيو ويو- شاهي سرگس نڪتو- ۽ گروسنگت
ان ۾ هڪ وڏي ميٽنگ ٿي- انهيءَ سرگس ۾ مون اُتساهه ۽
، جو آواز ٻڌو- ۽ منهنجي دل اندر حيدرآباد لاءِ نئي اميد
ي- جدا جدا منڊليون ۽ سنستائون، انهيءَ سرگس ۾ شامل
ن- سک ۽ سناتني، عامل ۽ ڀائيبند، ماستر ۽ وديارٿي، مرد
لون، نديا ۽ وڏا شرڌا ۽ محبت سان شامل ٿيا- انهيءَ
گس ۾ مون ايڪتا ۽ ميلاپ جي مورت ڏٺي- شل
ڪتا ۽ ميلاپ جي شڪتي وڌندي رهي!

گرونانڪ ايڪتا جو اوتار هو: پريم جو پيغمبر هو-
ت جي اوند انڌڪار ۾ هڪ روشني کڻي آيو، روشني
ڀ پريم جي، جو ذات پات ۽ مذهبن کان مٿي آهي-

گرونانڪ جي جيون هڪ ليلا آهي، پريوءِ جي ڪرپا
پرڪاش آهي- پريوءِ جي ڪرپا ڪڏهن ۾ انسان کي
ڪيلو نہ ٿي ڇڏي، پر اونداهي رات ۾ به پنهنجا پيارا
ڪلي ٿي اسان جي اُڌار واسطي- گرونانڪ ڀارت جي
ه، سچي دنيا جي انڌڪار ۾، روشني کڻي آيو- هڪ
ري جي رات جو سندس جنم ٿيو- پر سياري جي ٿڌ ۾

"سنت مالا"

واسواڻيءَ جا سنڌيءَ ۾ پستڪ

(۱) نيلو گلستان (۲) نوجيون (۳) غريبن جا ڳوڙ
(۴) ايڪتا جو اوتار.

"غريبن جا ڳوڙها"

"سنت مالا" جا ڀريان ۾ انڪ "نيلو گلستان"
"نوجيون" جي واسواڻي لکيا آهن سي چڱي تعداد ۾ کپ
ويا آهن ۽ تيون انڪ بہ هينئر ڇپجي تيار ٿيو آهي. انهي
ٽئين انڪ جو نالو آهي :- "غريبن جا ڳوڙها". انهي انڪ
واسواڻي ڏيکاريتو تہ ڪيئن نہ ٻين جي شيوا ڪرڻ سار
زندگي ۾ هڪ نئون زيب اچي ٿو، ۽ شيوا دواران شيوڪ
کي اهو خزانو ملي ٿو جو رهين ۽ مان شان کان مٿي آهي
ڀريوءَ کي سچي ڀرارٿنا سو ڪري ٿو جو غريبن جا ڳوڙه
سڪائي ٿو!

مئنيجر "سنت مالا"

ڪرشنت ڪنج، حيدرآباد سنڌ.

ايڪتا جو اوتار

سچ کنڊ مان آيو. جڏهن محل اگم جو هت مرتيولوڪ
و. پائي چولو پريم جو، نمرتا ۽ نيڻن جي جوت اکين
تي، ستگرو آيو!

تنهن ڳالهه کي قريبن ساڍيون چار صديون ٿي ويون
. ڀارت ڀومي ۾ ست ڌرم جو سنهيو کڻي آيو.
مغلن جي راج ۾، بابر جي بادشاهي ۾ آيو. گور شور،
ڙن، جهيڙن جي وقت ۾، صلح جو جهنڊو کڻي آيو. ظالم
ي ۾، ست نام جو شاستر، ست نام جو ساڌن، ست نام
شڪتي، ست نام جي جيون ڀوتي پاڻ سان کڻي آيو.
۾ محبت، جيون ۾ نمرتا جو جادو کڻي آيو. خادم
ٻن جو، رهبر پيغمبر هن ڌرتي ڀومي جو، درويش جي لباس
گرو نانڪ ديو آيو!

نماڻن ۾ هو نماڻو. مذهبن جي تڪرارن کان دور، سڀني
شيوڪ، سندس دل ۾ ڪينو نه پريم هو سڀني جي
طي!. نه هندو فقط پر مسلمان به مٿس عاشق هوا. مردانو،
سا مثال، شيخ فريد مسلمان هوا، پر گرو نانڪ جا ست سنگي
. ڪيترن مسلمانن کي عجب ٿي لڳو ۽ گرو جن جو

پاڻ سان هڪ نئين بهار، بسنت جي سڳنڌ کڻي آيو.
نومبر مهني ۾ جو گرونانڪ ديو جن جو جنم اُتسو م
ويو اُنهيءَ موقعي تي گروجن جي جنم اُتسو جي رات ، د
رات، جاڳرتيءَ جي رات هئي- ۽ انهيءَ رات گروسنگت
نرنارين جي پيهه ڏاڍي هئي- اندر ۽ ٻاهر ماڻهون وڏي
۾ هوا- انهيءَ رات مون گروسنگت ۾ جيڪي ست سنگين
جيو سو هن وقت سڀني پاٺڪن کي جوڙ تو چاهيان:—

"ڪيترن واسطي گرونانڪ فقط اتهاس جو هڪ ان
هو- پر اڄ منهنجو توهان کي عرض آهي ته توهين گرونان
زنده جوتيءَ جو ڌيان ڪريو- اڄ رات تي هڪ آسيس آه
اڄ رات کي هڪ آواز آهه، هڪ پيغام- پراچين پيغام:—
"جاڳو! جاڳو!"- اڄ رات جاڳرتي لاءِ آهه- شل ائين
ٿئي ته اکيون جاڳن، پر اندر ننڊئي ننڊ ۾! اڄ رات شل اڌ
ٻه جاڳي! "جاڳو! جاڳو!" ۽ جاڳڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪري
گرونانڪ، زنده جوتي کي دلين اندر جڳهه ڏيو! شل توه
جي اندر سائين ستگروءَ جو جنم ٿئي! اڄ رات اڄو ترملهايو
نه اتهاس، پر اها انت جيون جي شڪتي، جا مرتيو ڪا
ڪيڏي اسان کي امر ڪري سگهي ٿي- اڄ گرونانڪ د
کي پنهنجين دلين ۾ وٺو، ۽ سندس چرنن ۾ پريم ۽ آرزو جي
پيتا رکو! شل گرونانڪ جي نيڻهن ۾ نوان ٿيو، نهال ٿيو!"

بابر بادشاھ نانڪ کي گڏجي ٿو- چويس ٿو تہ ”جيڪي
ٿي سو گھر تہ مان توکي ڏيان“- نمرت سان نانڪ جوڀ
”هي بابر مير! نادان آھ اھو فقير جو منگتن کان منگي ٿو“-
گھر جي مالڪ جي دربار مان- ھين کان گھري ڇاڪبو؟
ڪنگال پاڻ، سي ڇا ڏيندا ھين کي؟

گرو نانڪ ملڪن جو سير ڪري ٿو- هندستان ۽
ستان ۾، افغانستان ۽ ترڪستان ۾، سئبيريا ۽ ايشيا ۾،
يش ٿي ڦري ٿو ۽ پيغام پهچائي ٿو- مسلمين کيس ڏسي
ب ۾ پون ٿا- چون ٿا تہ ” نانڪ درويش کي خدا جو
لام آھ!“

هي درويش هو عشق جو اوتار! هرھنڌ ويو پريم جي
ڏ پکيڙيندو- هرھنڌ سندس پيغام اهو هو:- ”ايڪ پتا ايڪس
هم پالڪ“؛ هڪ پتا؛ ۽ انهيءَ هڪ جا اسين سڀ پالڪ“-

هن وقت اسان مان گھڻا آهن، مان پڇان ٿو، جنکي
وجن جي پيغام جي يادگيري آهي؟ هن وقت مان ڏسان
نہ تڪرار جي تلوار تکي آھ- هن وقت غريبن جا خادم
ڻا آهن؟ جئين اسين گروجن جو خيال ڪريون، تئن شل
ت ۽ محبت سان، غريبن ۽ دکين جي اڳيان سـر
ڪائڻ سکون!

اهي ويچارا بکيا ڏکيا، غريب مسڪين اٿو روپ هڪ

اپديش ڏيڻ جوڙ لڳا:- ”نانڪ جي مکر مان وينو ڳالهائي!“.

ٻالڪ جي اوستا ۾ ٻہ سنڌس آنند ست نام ۾ ماڻهون جون ته هي چريو آهي- مستيءَ جو منطق، عشق عقلمندي، ڪير ٿو سمجهي؟ نانڪ جو پتا ٻہ پيو پائڻي ته ٻالڪ کي ڪا بيماري آهي- حڪيم گهرائي ٿو- خبر نہ ا ته نانڪ پاڻ حڪيمن جو حڪيم آهه- ”بابا وئديہ روگي دا“- نانڪ جي نبض تپاسين ٿا- تڪڙي پيئي هلي! سب ڇا؟ منجهي پون ٿا- حڪيم کي خبر ڪانهي هن ڳوڙه حساب جي!

نانڪ وڏو ٿئي ٿو- پتا کيس پئسا ڏئي ٿو ته وڃي دوڪان کول ۽ پئسا ڪماءِ! نانڪ دڪان کولي ٿو- دڪا جو سيڌو سامان غريبن کي مفت ڏئي ٿو- مفت ڏيڻ مرڪ ت جو، جي ڪن پريت جي مزوري!

نانڪ جو پتا غصي ٿئي ٿو- پڇيس ٿو:- ”ڇا ٿـ ڪرين؟“ جواب ڏئي ٿو ته:- ”سچو سودو!“- بيشڪ سچ سودو آهي پريم جو- پيو سڀ ڪجهه آهي ڪوڙ- مان وڏائي، پئسا، پدارٿ، شان، اقبال، اختياري، بنگلا، ماڙيون پريم بنان سڀ ڪجهه ڏوڙ!- سچو سودو، سچو خزانو سي ڪمائين جي خرچ ڪن ٿا پاڻ کي پريم جي شيوا ۾!

نانڪ سوداگر

گرو نانڪ جي جيون هڪ وچتر ڳالهه آهه جنهن ۾
ا جدا پردا آهن. هڪ پردي جو نالو آهه:- "نانڪ سوداگر".
گي آهه سودي واسطي. گروجن جو سودو ڪهڙو نه سندر
ڙو نه پڪو هو! ڪالو پتا گروجن کي سيڌي جو دڪان
ڏي ڏئي ٿو. هن ڏيهن ڪان پوءِ ڪي غريب، مسڪين
ن ٿا، تن جي شيوا ۾، نانڪ سيڌو خرچ ڪري ٿو. پٽس
ڪاوڙ ڪري ٿو؛ پر نانڪ جوابي ٿو:- "پتا جي! هن کان
يڪ پڪو ٻيو سودو ڪهڙو؟"

هڪ ٻئي ڏينهن نانڪ تلاءَ مان اسنان ڪري موٽي ٿو،
نهن غريب کي ڏسي ٿو؛ سوني مندي لاهي ڏئيس ٿو!
ڪ ڏينهن نانڪ سلطانپور ۾ نواب جي مودي خاني ۾ آهي؛
نهن جو ڌندو ڪري ٿو. جيڪي ڪمائي ٿو سو رات جو
يبن جي شيوا ۾ خرچ ڪري ٿو. سنتن کان مٿي ٻيا
ميوادي ڪٿي؟

ڌرم يعني غريبن جي شيوا. سندن شيوا ڪريو، نفرت
محبت سان سندن ٽهل ڪريو؛ توهان کي سائين ست گرو
بخشيش ڏيندو؛ ڪهڙي بخشيش؟- هڪ ڏينهن مرداني

ايڪتا جو اوتار

نرنڪارئ جا! اهي پگهل پاندا آتو پوشٽ پگهوان جا!

جيل اندر وڃين ٿه گرو نانڪ ڪئن ٿه قيدين
شيوا ڪئي! قيدين کي ست نام جو سندر اپديش ڏنائين
لڳين جي ٿه ٽهل ڪيائين.

گروجن جي زندگيءَ ۾ ڪيڏو نه سندر مثال ا
سڀن لاءِ آهه! شيوا، ٽهل، پريم جو مثال! گروجن جو پيار
سڀن واسطي! انسان ذات سان پريم؛ پکين، جانورن
پريم؛ سرشٽيءَ سان پريم؛ گروجن جي دل ۾ ڪيڏي
محبت هئي غريبن واسطي!- شل اسين ٿه غريبن لاءِ ڪ
ٿه ڪجهه خيال دل اندر رکون! دکين مسڪينن جي
آهي سائنئين ست گروءَ جي آرتي!

سيوا ڪرت هوئہ نهڪامي
تِس ڪئُہ هوت پراپت سوامي

مِٺي پيالي کو دُور ڪرءِ
ڪَرُ پريم پيالا پيڄي جي!

اننت جي آرتي

ولايت ۾ پئرس (Paris) شهر ۾ هڪ هنڌ هڪ عجيب
ئي رکي اٿن جا هميشھ ٻيٺي ٻري! گرو نانڪ ديو جن
يون هڪ عجيب روشنائي آهي جا هميشھ ٻيٺي ٻري-،
امر بتي، هڪ زندھ جوت! پر ڏسن سي جي نماڻا؛
ر اڪثر ويهي رهون ٿا ويسر ۾!
مونکي يقين آهي تہ گرو جن جي جوت
ڙ زماني ۾ ويندي وڌندي. ڪي سال ٿيا تہ انگلستان
هڪ انگريزي عورت مونکي هڪ خط ۾ لکيو تہ "گرو جن
پيغام پکيڙڻ جي ڪم ۾ مان هرطرح مدد ڏيڻ لاءِ
آهيان."
گرو جن جي سکيا بنسبت انگريزيءَ ۾ منهنجو هڪ
اب آهي جنهنجو نالو آهي "Sikh Sanctuary" - فرانس
(Fra جي هڪ فيلسوف اهو ڪتاب پڙهيو ۽ پرسن ٿي
ين :- "ڪهڙو نہ سندر سنيهو!"- گرو جن جو سنيهو
ر آهي، جو تہ زندگيءَ کي پوتر ڪري ٿو ۽ شڪتي ڏئي
من وقت جي فيلسوفي ۽ سائنس (Science) سان ملي اچي ٿو.
گرو جن "ست نام" جو سنيهو ڏنو- "ست نام" ڪهڙو
ندر نالو ايشور جو! سائنس ۽ فيلسوفي بہ سچ، سنيہ، جي

گروجن کي چيو ته "سائين! مونکي بخشش ڏيو!"- گ
کيس آسيس ڪري چيو ته "مان توکي راڳ جي بخ
ڏيان ٿو!"- تنهن ڏينهن کان وٺي مرداني جي راڳ ۾
عجيب شڪتي پيدا ٿي-

غريبن جي شيوا ڪريو ته توهان جون دليون ڪُل
کِلن بهار جي گلن وانگر- غريبن جي شيوا ڪريو ته توهان
۾ ست گرو راڳ جي بخشيش ڏيندو؛ توهان جي زندگي
هڪ سندر راڳ اٿڻ ٿيندو، جو هين جون دليون ڇڪي
رام جي راه ۾-

ائسو هئي ري پائي، هر رس ائسو هئي ري پائي
جا ڪي پئي امر هئي جائي
ڏرو پيا، پرهلاد پيا، پيپا ميرا بائي
باغ بغاري ڪي ميان پيا، چوري هئي بادشاهي
ڪبير

دري مذجهان دوست ڏٺو سين، لالڙ لڙو پائي هليو
شاه لطيف

"There is no end to the universe of God"

مطلب ته: "ايشور جي سرشٽيءَ جو انت ئي ڪونهي!"

يءَ انت جي درشن جو اشارو گرو جن ڪيترن سلوڪن
ڪيو آهي:-

ت نه صفتي، ڪرڻ نه انت؛ انت نه ڪرڻي، ڏيڻ نه انت؛
ت نه ويکرڻ، سڻڻ نه انت؛ انت نه جاڻِئي ڪيا من منت؛
ت نه جاڻِئي ڪيتا آڪار؛ انت نه جاڻِئي پارا وار؛
ت ڪارڻ ڪيتي بلاهِ؛ تا ڪي انت نه پائي جاهِ؛
هو انت نه جاڻئي ڪوءِ؛ بهتا ڪهيئي بهتا هوءِ.

سچ پچ اهو انت ڪو بہ نٿو ڄاڻي، ۽ جيترو گهڻو
ڻجي اوترو ئي گهڻو بيو ڏسجي؛ ڄاڪاڻ ته هن حيرت
ر آهي انت پرڪر؛ ۽ سنڌس انت شڪتيءَ مان نوان نوان
ڱ ۽ روپ، لوڪ ۽ ديس پيا پيدا ٿين. جڏهن سر
يور لاج (Sir Oliver Lodge) چوي ٿو:-

I believe that creation is a continuous process; lik evolution, a gradual constant energising, a thing n over and done with, but going on now.

مطلب ته هيءَ سرشٽي هلندڙ آهي ۽ سندس اندر جيڪا
ڪتي آهي سا بند نه ٿي وڃي آهي پر هميشہ هلي پيئي.
ج، چنڊ، تارا ۽ روز روز جا روپ رنگ نوان نوان، تن سڀني
هڪ انت شڪتيءَ جو پرڪاش آهي.

تلاش ۾ آهن. ٻنهي جو هڪ بلند آواز هي آهي: "س
پوڄا ڪريو!" سائنس ڏيکاري رهي آهي تہ ڪيئ
سچي سرشتي (Nature) ست نام ۾ سمايل آهي، ڇاڪ
سچي سرشتي قانون، حڪم (Law) جي چڪر ۾ هلي
آهي - حڪم، نيم، قانون (Law) ٻڌا هڪ پتو ٿا ڏئو
ست نام جو نغارو پيو وڄي؛ روز روز ست نام جا روپ
۽ ويس اسان اڳيان اچن ٿا؛ روز روز ست نام جي سڌا
جڳت ۾ آهي؛ جئن گرو نانڪ ديو جن فرمائين ٿا:-

سچي تيري کنڊ، سچي برهمنڊ؛ سچي تيري
سچي آڪار؛ سچي تيري ڪرڻي، سرب بيچار؛
تيرا آمر، سچا ديباڻ؛ سچا تيرا حڪم، سچا فرماڻ؛
تيرا ڪرم؛ سچا نيشاڻ؛ سچي تڌ آکهہ لکہ ڪروڙ؛ س
سپ تاڻ؛ سچي سپ زور؛ سچي تيري صفت؛ سچي س
سچي تيري قدرت؛ سچي پاتشاه.

سچي پاتشاه جي قدرت سچي آهي، ۽ قدرت بي
آهي. هي دنيا ڪوتي ڪوتي دنيائن ۾ فقط هڪ دنيا
هي سورج ڪيترن سورجن ۾ فقط هڪ آهہ. سر آليور
(Sir Oliver Lodge) جو سائنس جي دنيا ۾ هڪ پرسڌ پر
پرش آهي سو هڪ پنهنجي تقرير ۾ چا ٿو چوي؟:-

نانڪ داس سدا قرباني

هڪ ننڍي ڳوٺ، تلونڊيءَ، ۾ گرو جن جنم ورتو-
…نهيءَ ننڍي ڳوٺ مان ڪيڏي نه وڏي شڪتي پرڪاش
…! گرو نانڪ ديو پيغام ڏنو نه فقط ڀارت کي، پر ڀارت کان
… دور دور ملڪن ۾- افغانستان ۽ ترڪستان، رشيا ۽
…ستان ۾- گرو جن دورو لڳايو، ست سنگ هلايو ۽ پريم پرساد
…ر سڀن کي،- ننڍن ۽ وڏن کي، هندو ۽ مسلمين کي،
…ين ۽ مسڪينن کي- شڪتي وارو پر نماڻو، سادي لباس
…اڻ کي اڪائي، مسڪين تي شيوا ڪيائين مسڪينن ۽
…ين جي- شاه هو پر خادم ٿيو غريبن خاطر؛ جيل اندر ۾
…دين جي خدمت ڪيائين- سدا نماڻو شاه نانڪ! پريم جو
…ڙار هو.

سري جپ صاحب ۾ گرو جن جو سندر اُپديش آهي-
…ميرو پربت تي اهو اُپديش گرو جن ڏنو- وڏن شهرن ۾ يوڳي
…گوڙ شور آهي؛ وڏن شهرن ۾ ويسر آهي- پربت کي آهي
…د گيري انت جي؛ پربت کي پريت آهي نيلي آڪاس
…ان؛ پربت جو آلاپ آهي چنڊ ۽ تارن سان- ۽ پربت سان
…ندن ۽ يوگين جو پريم آهي- اهو پربتي اُپديش، سري جپ

انهيءَ اننت جي آرتي سڄي سرشٽي ڪري رهي آ
انهيءَ آرتيءَ ۾ اچو ته اسين به شامل ٿيون! اچو ته ست نام
شڪتيءَ تي پنهنجو شهر پڏون! سچ کنڊ مان گرو نانڪ
آيا، ست نام جو سنيهو کڻي آيا؛ انهيءَ سنيهي ۾ سائنس
(science) ۽ ڌرم (religion) جو ميلاپ آهي. انهيءَ سني
۾ ملڪن ۽ قومن جو ميلاپ آهي. چو ته جت ست نام
سمرن آهي، اُت پريم جي سڳند آهي. گرو نانڪ ديو
پريم جا اوتار هئا؛ ۽ اجوڪي ڏينهن منهنجي دل جي
۾ آهي هي راڳ هڪڙو:

"تن سنتن تان سد ٻلهاري، مان سد ٻلهاري!"

تو ڪاهي ڪو جڳ ۾ آيا، جو پٺ نام سي پريت نه لياري
— دولن داس

رام نام امر هٺ پائي، ڪوءِ ساڌ سنگت تي پائي
بن گهوتي، بن چاني، پيوي، ڪوري دام نه لائي
— گلال

ڪرتار ڪرتا مٺ دين وينتي ڪرئي
نانڪ تمري ڪرپا تَرائي
— سکمني

، تپسيا آهي، قرباني آهي، تنهن ۾ هڪ روشني ڏيئي
. ڀوڳ، عيش عشرت، اڄ آهن، سڀاڻ ڪونهن؛ ڀر
ي هڪ زنده جوت آهي. هڪ هڪ سخت قربانيءَ جي
ت آهي. شل قرباني جي روشني اسان جي اندر چمڪي!

"تم گاوه ميري نربهئه ڪا سوهلا؛
ڌؤن واري جت سو هيلي سدا سک هوءِ"

ارٿ:- "ڳايو گيت منهنجي نربهؤ پريوءَ جو؛ مان
ن وڃان سندس گيت تان جنهنڪري سدا آنند ٿئي ٿو!"-

گورو نانڪ جي سڀن ڪمن ۾ سڀجي سکيا جو راڳ آهي
ن سندر لفظن ۾. "پريوءَ جي يادگيري رکو ته ڏيپ توهان
نڪري وڃي؛ پوءِ توهين ٻه ڳايو اهو راڳ: "مٿن قرباني!
قرباني!"

اهو راڳ سکن جي دلين اندر گونڙي ويو ۽ کين هڪ عجيب
ت ملي؛ ۽ تڪليفن کي منهن ڏيئي، موت کي پاڪ رهائي،
هيا ميدان ۾! سکن جي تاريخ ڏيکاري ٿي ته ڪيئن موت
ڏنگ مري وڃي ٿو انهن لاءِ جن جي راڳن جي رباب ۾
و هڪ راڳ آهي: "مٿن قرباني! مٿن قرباني!"

ست نام ۽ قرباني - نربهو پريوءَ جي پوڄا ۽ قرباني - اهو
آئينده زماني جي ڌرم جو آواز - اهو آهي سنيهو گورو نانڪ
جو سند هند واسطي؛ سڄي سنسار واسطي -

ايڪتا جو اوتار

صاحب، هڪ امولڪ اُپديش آهي- سڀ جي ص
ڪهڙي نہ سندر سکيا ڏنل آهي! "ايڪ اونڪارا! ست
ايشور هڪ آهي ۽ سندس نالو "ست نام"- "ست"
آهي پربوءَ جو پوتر نالو- پربوءَ جا پوڄاري ڪير؟ جي
جي راهہ ۾! پر سچ جا تلاشي، سچ لاءِ پياسي، ه
ڪيترا نہ ٿورا! سبب ڇا؟ سچ جي راهہ ۾ نہ گل
سونهن آهي، پر آتش جو آواز آهي- سچ جو منتر آهي:-
قرباني!"- انهي سکيا تي گرو جن جو زور آهي.

اتهاس ۾ هڪ سونهري اکر لکيل آهي:- قرباني!

محلات گم ٿي ويا آهن؛ پر جهوپڙين ۽ ند
ڪنارن تي آشرم ۽ پربت جت پربوءَ جي پيارن تپسيا
ڪئي سي تيرٿ آستان ٿي پيا آهن. ڏن دولت
ملڪيت جي مغرور مالڪن جا نالا گم ٿي ويا آهن، پ
۽ رام، اسوڪا ۽ اڪبر جا نالا يادگار آهن- ڪين خزانو
خرچ ڪيائون پين جي شيوا ۾. سائنس وارن سوال
"زندگي ڇا آهي؟" ۽ جواب ڏين ٿا تہ:- "زندگي آهي گ
جت گرمي آهي، اُت حياتي آهي؛ جت ٿڌ، اُت موت!
پنهنجي گرمي روز روز موڪلي ٿو؛ نہ تہ جيڪر هن د
حياتي نابود ٿي وڃي. سج گرمي جو گهر آهي؛
روشني جو بہ گهر آهي؛ تيئن جنهن انسان جي زندگي

جپ صاحب جي فيلسوفي

رو نانڪ ديو جو پوتر پيغام، جپ صاحب ۾ ڏنل آهه-
ڪيترا جپ صاحب جو پاٺ روز روز ڪن ٿا؛ پر مون
ڪ آهي ته اهڙا ڪي ٿورا آهن جي جپ صاحب جو
سمجهن ٿا ۽ تن کان به ٿورا آهي جي جپ صاحب انهيءَ
هن ٿا جيئن اهو پڙهڻ کپي.

جپ صاحب گيان جو سمنڊ آهي. ٻولي سولي پيئي
ي؛ پر منجهس خيال بلڪل باريڪ آهن. باريڪ ۽
بلند ۽ گنڀير.

نجو جپ صاحب Concentrated style ۾ اُچاريل آهي:
لفظ بلڪل ٿورا، پر تن ٿورن لفظن ۾ معنيٰ ۽ مطلب
گهڻو سمايل آهي- هڪ هڪ سٽ ۾ هرهڪ لفظ کي
شڪتي، پنهنجي طاقت، پنهنجي جوت ۽ پنهنجو
هي- اهڙي ٻاڻي جنهن ۾ هڪ عجيب شڪتي آهي،
ٻاڻي کي چئجي "منتر"- منتر آهه اُها ٻاڻي جنهن ۾
عجيب شڪتي آهي؛ پيئي طرح جيڪر مان چوان ته
ڪ ڏيئو آهي جنهن ۾ روشني روشن آهه- اهڙي امولڪ
جو پنڊار آهه جپ صاحب-

ايڪتا جو اوتار

"هُنَ قربانيءِ جاءُ مهروانا، هُنَ قربانيءِ جاءُ
هُنَ قربانيءِ جاءُ تنا ڪئي، لئَن جو تيرا ناءُ
لئَن جو تيرا ناءُ تنا ڪئي، هُنَ سد قربانيءِ جاءُ."

سچي شيوا اُها جنهن ۾ مان وڏائي جو خيال نه، ڦل اچ
نه. سچي شيوا سا، جنهن ۾ نه ايمان نه ڏڪار ڀين واسطي
سچي تهل اُهي ڪن، جن کي ايشور سان پريم ۽ غريبن سا
پريم ۽ جن جي اندر روز هيءَ پرار ٿنا :-

"نانڪ داس سدا قرباني."

اَکيان هر درسن ڪي پياسي
ديکيو چاهت ڪمل نئن ڪو
نس دن رهت اُداسي

- سورداس

تون صاحب مئن سيوڪ تيرا،
پاوءِ سر دي سولي ميرا

- دادو ديال

اهڙي ڀاڃي جي ارٿ سمجهڻ لاءِ اوهين هن جاڙهي
ايڪانت ۽ باريڪ خيالي جي بلند چوٽيءَ تي چڙهو-
جبل تي چڙهڻ کان اڳ سنڌس آئي چڙهائيءَ جي
ي تيرٿ واسيءَ کي ٻنڌڻ جي اچ - ڏکر ۽ ٻکر جو خيال
ٻوندو آهي - جپ صاحب جي هه ارٿ سمجهڻ لاءِ اوهان
اچ ٻکر ۽ دنيوي فڪرات جا خيال ڪيڏي اندر هه سچ
اسات ؛ اچ کي جاڳائڻ کپي - جي اوهان کي جپ
ب سمجهڻ جي سچي چاهنا آهي ته جپ صاحب شروع
ڻ ۽ پڙهڻ (يعني وڏي هه وڏي آتمڪ جبل تي
ڻ مهل) سڏ ڪريو ستگروءَ کي ؛ ته "اي ستگورو!
اسان کي پاڻهين کان وڌي مٿي چاڙهه!"

آڳاٽن پستڪن هه ڪ وڏي تيرٿ جو ذڪر آهي ؛
ءَ جو نالو جپيشور = جپ + ايشور - اُن تيرٿ جي مهاتم
کيل آهي ته ان هه اشنان ڪرڻ سان ماڻهو مڪت ٿيو وڃن -
توهان کي نمرتا ڀاءِ سان عرض ڪندس ته اوهين پورن
۽ شرڌا سان جپ صاحب پڙهو ۽ ان هه ورنن ڪيل سکيا
هه آڻيو ته پوءِ ائين سمجهندا ته جپ صاحب آهي هڪ
ت اشنان - "جپ" صاحب جي معنيٰ آهي وڏو **تيرٿ**.
ڪ تيرٿ -

"جپ" لفظ جي ٻي معنيٰ آهي - "اندر هه جوڙ".

ايڪتا جو اوتار

گرو جن جب صاحب اُچاريو پربت تي، سميرو پربت تي، جو دنيا ۾ هڪ پوتر جبل آهي. جنهن تي هزارين رشي مني، سڌ ۽ پيا يوگي رهندا آهن ۽ اچا رهن ٿا. ڪيترن سڌن ۽ يوگين سان گيان گوشٽ ڪندي گرو جن جب صاحب اُچاريو.

"سڌ" ڪنهن کي ٿو چيو وڃي؟ سڌ انهن کي چئبو جن کي هٺ يوگ سادن ڪرڻ ڪري psychic powers يعني سڌيون جون طاقتون ٿيون ٿيون. انهن طاقتن وسيلي اُهي پنهنجي اِڇا سان وڏا وڏا ڪم ڪري سگهن ٿا ۽ اُهي وقت بوقت پنهنجون اهڙين طاقتون ڏيکارين بہ ٿا. پر سنت انهن کي ٿو چيو وڃي جي نہ هٺ يوگ سادنائون ڪن، پر اٺئي پهر ستنام جي سمرڻ ۾ گذارين ٿا. اُنهنکي سڌيون هٿ اچن ٿيون، پر دينتا پاڻ ۾ رهي اُهي گهڻو ڪري اهڙين طاقتن جو ڏيکاءُ ڪونہ ڪن. انهي ڪري ائين ڪونہ چئبو تہ سنت، سڌ ڪونہ آهن. پر ائين چئبو تہ سنت سڌ آهن پر سڀ سڌ سنت نہ آهن.

گرو جن جب صاحب اُچاريو پربت تي! "پربت نشاني آهي اوچائيءَ جي، ۽ ايڪانت جي. گرو جن جب صاحب اُپديش شهرن جي گوڙ شور ۾ ڪونہ ڏنو. پر پربت تي- دنيا جي هڪ وڏي ۽ اوچ پربت تي-

ط تہ پاڻي ساانت سان نہ ٿا پڙهن، جنهنڪري سندن
ن ۾ نہ تہ ڇڪجي وڃي.
"جپ" جي چوٿين معنيٰ آهي "سڏڻ." ڪنهن کي؟
کي! دل کي پوتر ڪري اُڪير ۽ سڪ، وارين اکڙين
جپ صاحب پڙهندي، سچي پاتشاھ کي سڏ ڪريو!
ريو! زارون زار اکين مان آب وهائي، سڪ مان سڏ ڪا
اُن غريب نواز کي سڏ ڪريو!

لفظ "جپ" جي پنجين معنيٰ آھ "پرارٿنا." انهيءَ جي
کي ڪيڏي نہ ضرورت آهي- جنهن زماني ۾ گروجن
صاحب جو پوتر سنديش ڏنو، تنهن وقت هندستان جي
ڪهڙي هئي؟ ماڻهو سچي رستي کان بلڪل پاڃي
! ڪيترا ماڻهو ويندا هئا تيرٿ ياترا تي تيرٿ ياترا اُن
مشڪل هئي- ماڻهو اُن سمي جي تيرٿ ياترا تي
ي تڪليفن، بکن، اُڃن ۽ ڏولائن ۾ ئي مري ويندا هئا.
ي ماڻهن کي خيال هو تہ گنگا جمنا ۽ ٻين ندين ۽ تيرٿن
ان ڪيوسين ۽ براهمڻن کي دان ڏنوسين تہ بس پاپ لٿا-
ي ماڻهن جو هٺ يوگ ڪريائن ۾ ڏاڍو نشچو هو-
سرير کي سڪائيندا هئا؛ ڪي وڻن ۾ پنهنجا سرير
ڪائيندا هئا؛ ڪي هڪ ٽنگ تي ڪڙا ٿي تپسيا ڪندا
پيا انيڪ نمونن جا ڪرم، ڪندا هئا ۽ ورت نيم
پوڄائون ڪندا هئا.

هرهڪ منش جي اندر ۾ هڪ آواز آهي، he vioce of silence
”سانت جو آواز“؛ جنهن کي گرو جن ”انحد شبد“ چيو آهي
اُهو شبد ٻڌڻ ۾ اچي ٿو، پورن ايڪا گرتا ۽ محويت جي
رنگ ۾. ”جپ“ جي معنيٰ آهي ”اُها آرادنا جا پورن ايڪ
گرتا سان ڪئي وڃي.“

مان ٿو پڇان ته گهڻا آهن جي جپ صاحب پورن پر
۽ ايڪا گرتا ۾ پڙهن ٿا؟ ڪيتريون ڀيڻرون ۽ ماتائون جي
جپ صاحب سڪ سان پڙهنديون آهن؟ اڙي! بلڪ
ٿورا؛ بلڪل ٿوريون. سوءِ جي ڀائر ۽ ڀيڻرن اُها پو
واڻيءَ، جا گرو جن دنيا جي وڏي ۾ وڏي جبل جي چوٽيءَ
تي اُچاري، اُها اوچي، بلند خياليءَ ۽ پريم جي پورن
لهر ۾ نه پڙهندا ته اُهي ڪيئن جپ صاحب مان لاڀ پرايت
ڪري سگهندا؟

لفظ ”جپ“ جي ٽين معنيٰ آهي ”سانت سان جوڙ“
سانت ۾ پڙهڻ جي مراد آهي ته اُها باڻي اسان جي من جي
پڙدن مان لنگهي اسان جي اندر ۾ وڃي.

ڪيترا ڀائر ۽ ڀيڻرون جپ صاحب ائين پڙهندا آهن
جپ صاحب پاٺ ڪرڻ جو اهو نيم هجڻ گهرجي، سانت
سان پڙهڻ، خيال ۽ سمجهه سان، ڍيري ڍيري پڙهڻ. اسان
مان ڪيترا ”جپ صاحب“ جي پاٺ مان فائدو نه ٿا وٺن

جيو: "اهي سنسا وهم ۽ ڀرم ڇڏيو! - پريو اسان جي ماڙا
مان ته ڏسان ٿو ته اڃان به اسان مان ڪيترا سنسن
ڀرمن ۾ گرفتار آهن. آءٌ انهن کي جوڙ ٿو چاهيان :- نه
نه ڀٽڪو! پر پڪار ڪريو پريم سان! - سک جا سڏ ڪا
جپ" ڪريو! - برابر اسين ڏوهي آهيون، پر مالڪ
آهي - هو اسان جو ماڙا پتا آهي ۽ اسان جي پڪار ضرور
جپ صاحب کي "جپ نيشان" به جيو ويندو آهي.
جي معنيٰ آهي "**جهنڊو**"! جهنڊو آهي حڪومت جي
. "نيشان" لفظ جي ٻي معنيٰ آهي "ڍنڍورو." اڳئين زماني
رو فقط بادشاهه ڦيرائي سگهندا هئا. ڍنڍورو به آهي راجا
ڪم ۽ حڪومت جو اشتهار - سو ٻنهي معنائن جو مطلب
ٿيو. ان جو مطلب هي آهي ته جي "جپ" صاحب
ان پڙهن ٿا تنهنجو هر وقت سچکنڊ سندي "سچي
مت" ۾ واسو رهي ٿو. جي "جپ نيشان"
ين ٿا، سي هر وقت اکنڊ آنند ۾ رهن ٿا - اهڙي جپ
ن"، پريوءَ جي اهڙي پوتر "جهنڊي" اڳيان، ڀائرو
ون! سرجهڪايو! طرح طرح جا جهنڊا اڄ دنيا ۾ آهن!
راجنيتي طاقت جا، ڪي مان وڏائيءَ جا - ڪي
۽ لالچ جا. اهي سڀ جهنڊا تڪرارن جو بنياد آهن.
ينءَ جو هي جهنڊو ("جپ نيشان"!) آهي پريم جو
و؛ جڳت جي قومن جي ميلاپ جو جهنڊو؛ دنيا جي

گروجن سيڪاريو تہ اِهو مارگ پورو نہ آهي. پر
ديال آهي. هو آسانجو ماتا پتا آهي. هنکي خوش ڪرڻ لا
اسان کي پنهنجي سرير کي ڏکن ۾ ڪشٽن ڏيڻ جو ضرو
نہ آهي. اولاد جي ڏکن تي ڪهڙي ماتا خوش ٿيندي؟ ماتا پ
کي خوش ڪرڻ لاءِ اولاد لاءِ فقط پنهنجو من ڏيڻ ۽ پيار ڏير
ڪافي آهي. گروجن سيڪاريو تہ گهر ٻار ڇڏي اُ
پريوءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ جهنگل ۾ وڃڻ جو ضرور نہ آهي
اوهين گرهست ۾ رهي رستو وٺو، نہ تپ جو، پر "جپ" جو
اُن سمي ڪي وري لوهہ باهہ ۾ ڳاڙهو ڪرائي اُن سان
بدن کي ڏنيندا هئا. اُنهنجو ويچار هو تہ جيترو گهڻو اسين
بدن کي ڪشٽ ڏينداسون، اوترو زياده اسين پريوءَ جي
نذيڪ ٿينداسون. پنڊت وري چوندا هئا تہ جو ودوان نہ ٿيو
۽ جنهن شاستر نہ پڙهيا سو نرڪ جو ڀاڳي ٿيندو. ڪيترا ماڻهو
ڏاڍا ڏکہ ۽ ڏولا سهي وڃي شاستر اڀياس ڪندا هئا. ان سمي
ڪاشي خاص وديا جو مرڪز هو. پنڊت چوندا هئا تہ وديا
پڙهڻ ئي **ڌرم** جو مارگ آهي ۽ جو وديا ۽ شاستر نہ پڙهيو سو
نرڪ ۾ ويندو. ان **دپ** ۾ ماڻهو ڏاڍو دکي ٿيا. گروجن جيو:
ڀاٽ پوڄائن جي ضرورت ڪانهي. بدن کي ڏکن ڏيڻ جو بہ ڪو
ضرور ڪونهي. مارگ سچو نڪي آهي **تپ** جو، نڪي **دپ**
جو، پر **جپ** جو. اڙي! ڪهڙي ماتا آهہ جا پنهنجي ٻچن
کي ڏکن ۾ ڏسي خوش ٿيندي ۽ نرڪ ۾ اُڇلائيندي؟"

چٽڪا

ڪرم

گرو سنگت ۾ واسواڻي جو خاص استرين ۽ جو ڪرين لاءِ
ڪلاس" کوليو اُتي واسواڻي "گيتا جي سکيا" تي
ڏنو تنهن ۾ چيائين ته:-
"گيتا معنيٰ راڳ- شري ڪرشن راڳيندر هو- ڀڳوت
معنيٰ ڀڳوان جو راڳ- انهي راڳ جو هڪ سندر سرهي
ڪم ڪريو! ڌرم نٿو چوي ته سست ٿيو! ڌرم نٿو چوي
ار ڇڏي وڃين جهنگل ۾ وهو- پنهنجا فرض پالن ڪريو!
ڪريو! پر سڀ ڪم پريوءَ جي چرنن ۾ ارپن ڪريو!

شڪتي

گرو نگر ۾ واسواڻي پنهنجي اپديش ۾ چيو ته:-
مندرن ۽ ٺڪاڻن تي جوابداري آهي؛ سنگ مرمر جي
ت ڪانهي، ست سنگ جي ضرورت آهي. چانديءَ ۽
سان سينگارڻ مان ڇا ٿو ملي؟ چانديءَ ۽ سون وڃين
ڪريو غريبن جي سيوا ۾- مندر جو سينگار آهي ست
هري نام. هڪ هڪ مندر پوتر آستان هئڻ کپي. هڪ
مندر ۾ ڪنهن نه ڪنهن پوتر پرش جو رهڻ ضروري
مندر آهي آتم شڪتيءَ جو مرڪز- ڏسو! ڪيڏي نه
يف وٽي سويل صبوح جو پرڀات ڦيريون سندر گيت
ٿيون. مان چاهيان ٿو ته ڪي پائر ملي هڪ ٽولي
، هڪ "پريو ڦيري" جنهن جو هي ڪم هجي ته گهٽ
ت هڪ ڏينهن هفتي ۾، پرڀات جو، پريوءَ جو نالو گهٽين
ن ۾ ڳائي، نر نارين کي ايشور جي ياد گيري ڏيارين-
گر سگهي نه آهي جت نام جو واسو ڪونهي-

برادريءَ جو جهنڊو! انهيءَ جهنڊي کي وري سر نماي
گرو نانڪ صاحب جو ڌرم ”پريم“ جو ڌرم آهي. ساڳي
وقت هو ”سائنس“ جو به ڌرم آهي. هو سڄي دنيا ک
ڳنڍي ٿو ”پريم“ جي پڪيءَ تار سان- گرو نانڪ صاحب ج
ڌرم آهي سائنس جو ڌرم. اهڙوئي ڌرم دنيا جو آئيند
ڌرم ٿي سگهي ٿو- دنيا هن وقت ميلاپ لاءِ ڪانکي ٿيندي
وڃي ٿي. مان ڏسان ٿو ته شيوا ۽ ايڪتا جو پاڻ دنيا ۾ نئين ر
جي دلين ۾ به اُڀرندو وڃي ٿو ۽ ساڳئي وقت
انسان جو دماغ به ترقي ڪندو وڃي ٿو- آئيندي جو ڌرم
اُهو ٿيندو جو ڀڳتيءَ تپ جهڙن خيالي دم دلاسن
کان آزاد هوندو ۽ ساڳئي وقت سائنس سان به ملي ايندو
ڪو به ڌرم جو سائنس جو امتحان پاس نه ڪري سگهندو س
آئنده قبول نه پوندو.

ڌرم جو گڻ آهي اول پنهنجي اندر ۾ سيتلتا ۽ روشني
پيدا ڪرڻ؛ جيوت ۾ ميناج اُتپن ڪرڻ ۽ اُن سان گڏ وري
دنيا ۾ ميلاپ ۽ ايڪتا آڻڻ- اهي گڻ گرو نانڪ ديو جن
جي ڌرم ۾ آهن. گرو نانڪ ديو جو ڌرم آهي ”پريم“- ايشو
سان پريم- انسان سان پريم، سڀن سان پريم-

"سنت مالا" فنڊ

واسواڻي جاهي ٿو تہ نہ فقط حيدرآباد ۾ پر سڄي سنڌ ۾،
۽ ڳوٺن اندر، "سنت مالا" جا انڪ هزارن جي تعداد ۾
ون، وڏيارٿي ۽ جوان، جوڪر ۽ ڇوڪريون پڙهن-
ۓ، ۽ "سنت مالا" جي ڪم کي پوريءَ طرح هلائڻ لاءِ،
ٽيءَ جي پيغام کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڦهلائڻ لاءِ ۽ گيتا ۽
ن ۽ گرنٿ صاحب تي سنڌس پستڪن کي ڇپائڻ لاءِ
نڊ جاري ڪيو ويو آهي. انهيءَ فنڊ ۾ اڳيئي انڪ
ريل رقم هئي ٠-١٠-١٢٩٢ (ڊونيشن) ۽ ٣١ روپيا
و)- انهيءَ بنسبت جن مترن فنڊ ۾ ڏنو تن جا نالا ۽ چندا
انڪن ۾ ڇپايا ويا- تنهن کانپوءِ جيڪي پئسا مليا
ي ۽ ڏيندڙن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا- وڌيڪ پئسا جمع
ٿن اهي ۽ ڏيندڙن جا نالا ڇپايا ويندا:-

(ا) ڊونيشن

مسٽر چيلارام ميرپورخاص	٧١-٠-٠
ڪندنمل گاگنداس	٥١-٠-٠
گوپالداس وڏوال، لاهور	٣٥-٠-٠
بنڌراج- ڊبليو- بي- لاهور	٣٠-٠-٠
سنت مالا آفيس	٢٠-٢-٠
وليرام سنس	٢٠-٠-٠
ڀائي جيوترام	١٨-٨-٠
لسيداس وڏوال لاهور	١١-٠-٠
مسٽر گوپالداس وڪيل ميهڙ	٦-٠-٠
	٢-٠-٠
ليل	١٢٩٢-١٠-٠
جملہ	١٥٥٧-٤-٠

سنت مالا [د هفتيوار]

واسواڻيءَ جو وشواس آهي تہ " آتمڪ آدرش (spiritual ideal) بنان حياتيءَ جا سوال حل ٿي نٿا سگهن ۽ نہ ڀارت جو اُ آتمڪ آدرش بنان ٿي سگهندو."

هو چوي ٿو تہ:- "هن نئين يگ ۾، نئين زماني ۾ سنت مارگ جي روشني وڌيڪ چمڪندي. هن زماني ۾ دماغ جي چاهنا آهي (science) واسطي، ۽ دل جي پياس آهي پريم واسطي. سنت مارگ سائنس سان بلڪل سندر طرح ملي اچي ٿو- ۽ سنت مارگ ايڪتا، محبت، پريم جو پوتر جهنڊو جهولي ٿو- سائنس ۽ محبت ٻنهي جو ميلاپ سنت مارگ ۾ آهي".

ڪيترا گهر ڪري رهيا آهن تہ "سنت مالا" هفتي بہ هفتي نڪري تہ چڱو- "سنت مالا" هن وقت د هفتيوار آهي ۽ ٻي ٻي هفتي نڪرندي- ساليانو چندو ٽپال خرچ سميت ٢ روپيا آهي-

"سنت مالا" ۾ واسواڻي جا ويا ڪارٽ ڇپايا ويندا ۽ سنتن، ديش ڀڳتن، رشين ۽ سورمن جي جيون چرتر ۽ ڀاڳي ۽ آتم وديا بنسبت ڳالهايون پونديون.

شل "سنت مالا" جو سنديش گهٽن جي دلين اندر گهڙي وڃن! ۽ غريبن جي سيوا واسطي اُنساھ پيدا ڪري! دنيا ۾ فقط هڪ خزانو آهي؛ اُن جو نالو پريم- غريب، مسڪين، ڏکي، ڏتڙيل مالڪ مهربان جون مورتون آهن- واسواڻيءَ جو سيني کي جوڙ آهہ تہ:- "غريبن جي ٽهل ڪريو تہ ڀارت آباد ٿئي، ڀارت آزاد ٿئي!"

"سنت مالا" بہ نسبت سڀ لکپڙھ هيٺين ائڊريس تي ڪرڻ گهرجي:- مئنيجر "سنت مالا"

ڪرشت ڪنج، حيدرآباد (سنڌ).

Reg. No. S. 389.

ما لا

شـكـتـي آشرم

وشيه سوُچي

واسواڻي

(۲) ماهوار

مسٽر مينگهراج	۲-۰-۰
هڪ پيٽ	۱-۰-۰
اگهر مليل	۳۱-۰-۰
جملہ	۳۴-۰-۰

مئنيجر "سنت مالا"
ڪرشن ڪنج، حيدرآباد سنڌ.

"سنت مالا"


واسواڻيءَ جا سنڌيءَ ۾ پستڪ

(۱) نيلو گلستان (۲) نوجيون (۳) غريبن جا ڳوڙها (۴) ايڪتا جو اوتار.

"نوجيون"

واسواڻيءَ جو جيڪو تازو پستڪ "نوجيون" تي نڪتو آهي تنهن ۾ "جپان جو جوڳي" انهي بابت جيڪي لکيل آهي سو هرهڪ سنڌيءَ کي پڙهڻ کپي- انهي جوڳيءَ جو نالو هو "نئوميا" ۽ واسواڻيءَ انهيءَ جوڳيءَ جو هڪ عجيب ذڪر ڏنو آهي- نئوميا سچو شيوڪ هو جنهنکي طمنا نہ هئي- نہ پيسي جي، نہ نالي جي- مرڻ کان اڳي پنهنجي مترن کي چئي ويو تہ منهنجي لاءِ ڪا بہ سماڌي يا عمارت نہ ٺاهجو! هن هزارين غريبن کي ان ڪپڙا ڏيئي موت کان بچايو. ڳوٺن کي ڏڪار جي جهپي کان ڇڏايائين-

مئنيجر "سنت مالا" آفيس
حيدرآباد سنڌ.



رشيا جو رشي، مهاتما ٽالسٽاءِ

سندس مکيه منتر: اَهنسا ۽ غريبن جي شيوا

سمرپڻ

شڪتي آشرم جي ڪم ۾ ڪيترن ڀائرن ۽ ڪيترين ڀينرن

شيءِ اپنوتا سان سهائتا ڪئي آهي،

تن سڀني، ننڍن وڏن، ننڍين وڏين کي،

هي "شڪتي آشرم" انڪ

ارپن ڪريان ٿو.

شل مٿن ايشور جي آسيس رهي!

واسواڻي

پرستاونا

سنت مالا" جو هي نمبر "شڪتي آشرم" انڪ
ن انڪ ۾ شڪتي آشرم جي آدرش ۽ ڪم جو
ذڪر آهي. "شڪتي آشرم" تي "پرڪاش"
ش متر" آسيس ڪئي آهه ۽ ڪيترن پائون ۽
ن پينون "شڪتي آشرم" جي ڪم ڪي دل و جان
دد ڏني آهي. مان هرهڪ جو شڪرگذار آهيان.
ت "شڪتي آشرم" جون هيٺيون شاخون آهن
دا جدا هنڌن ڪم ڪري رهيون آهن:- (١) گيتا
(٢) ساڌو هيرانند ڪلچر گروپ (٣) شهر ۾ ست سنگ
ڪمني ڪلاس (٥) استرين لاءِ گيتا ڪلاس (٦) سکي
(٧) سکي ست سنگ- انگريزي اخبار "ڊان"
ي "سنت مالا" ۽ "شڪتي آشرم" جي پيغام
۾ مشغول آهن. "سکي ست سنگ" لاءِ هيرآباد
جڳهه بنان مسواڙ ديوان منگهن مل مهرباني ڪري
ي جنهن لاءِ مان سندس تهدل شڪرگذار آهيان.
ي شڪتي جي ضرورت آهه- ۽ شڪتي ڪلي
ءِ هي ٢ ڳالهيون ڪپن جي "شڪتي آشرم" جا
آدرش آهن (١) پريوءِ جو سمرن ۽ (٢) غريبن جي
شل "شڪتي آشرم" جي ڪم تي ستگروءِ جي
وڏيڪ آسيس اچي! ۽ شل شيوا ۽ سمرن جو پوتر
يلين وڏن، نرنارين جي دلين اندر واسو ڪري!

واسواڻي

سنڌ ۾ شڪتي آشرم*

سنڌ ۾ واسواڻيءَ جو ”شڪتي آشرم“ قائم ٿيڻ،
الھہ سنڌ لاءِ وڏي فخر جي آھي؛ ۽ اھو آشرم
ي جي جنم استان حيدرآباد شھر ۾ ٿيڻ، سا ڳالھہ
آباد جي شان وڌائڻ آھي. واسواڻيءَ جھڙا پٽ سنڌ
پيدا ڪري سگھي آھي، سا ڳالھہ ڏيکاري ٿي تہ
ڪو مڙيوئي حياتيءَ جو تازو چشمو آھي. واسواڻي
ـو حيدرآباد ۽ سنڌ لاءِ مٺو آھي، مگر ساري
ان ۾ ھـو ھڪ نھايت مشھور اعليٰ شخص ليکيو
ڏو. ھنجي گرنٿن جي ھبڪار ھندستان کان باھر
ي رھي آھي. دنيا جي ڪيترن مکيہ آدرشين
يءَ جي سکيا اڳيان مٿو نوايو آھي. نہ رڳو ھنجي
۾ عجيب ميناج آھي، پر ھنجي کھٽي پڻ امبرت
سويـل آھي، سچ پچ اھا کھٽي ھلندي ھلندي
مرلي جو روپ وٺي سون ھزارن ماڻھن کي ماٺ
و ٿي رکي.
ڪجھہ وقت کان واسواڻي اچي حيدرآباد جي شھر
و ڪيو. اھو ڏيرو ھن اٽڪل چويھن يا پنجويھن

* [”پرڪاش“ مان نڪتل]

شيام تارو

سکي گيت *

اڄ سڀاڳ آيم، سنهو سڏڻ جو،
پل پل جنهن پريتم لاءِ پيئي مان پڪاريان.
پڇيم پي ڪٿي آهه، ڪنيو کان منهنجو؟
ساهه ساهه سين جو، رام شيام سنڀاريان؟

٢.

آواز آيم، حسن وارو حاڪم،
نه ڪنهن جهوني جهنگل، غفا ۾ نه آهي!
محل ۾ نه مندر، وچين ڳول عالم؛
ساورو ساجن شيام، صفا ۾ نه آهي.

٣.

پائي ميرا جاما، ٿو جلوو بتائي؛
غريبن جي جهوپڙين ۾، جهڙ مڙ ڪري ٿو.
ڪٽي ٽولي مُک ۾، محب سان وڃائي،
دکين جي دلين کي، دلداريون ڏئي ٿو.

٤.

وک دل نماڻي، خوديءَ کان ٿي خالي،
ته پوءِ تون سکي! ڏسين ڪرشن پيارو!
وٺ خاڪ خزانو، ته پوءِ ٿين تون والي!
ڇڏ ڏيٺي ليٺي، پوءِ ڏس شيام تارو!

واسواڻي

* جنما شٽميءَ جي ڏينهن شڪتي آشرم جي ش
"سکي ست سنگ" جي کولڻ وقت هي گيت ڳايو ويو ه

آهي. واسواڻيءَ جي خواهش آهي تہ هڪ اهڙو
ي آشرم کڙو ڪجي جنهن مان هند سنڌ کي فائدو
ءِ جنهن ۾ ڳوناڻي سيوا لاءِ پڻ ماڻهو تيار ڪري
؛ جو تہ واسواڻيءَ جي سکيا جو هڪ ئي مکيہ اصول
ويبن جي شيوا، درد مندن جي خدمت، اڌر نڌر
و اُپڪار. اهڙو نهايت عجيب استان، سنڌ ۾ قائم
تنهن لاءِ ساري سنڌ کي مدد ڪرڻ گهرجي.
تا چئون تہ انهي ڪم لاءِ واسواڻيءَ مثان ڪجهہ بہ
ڪجي. هن پنهنجي جيءُ جان ۽ شڪتي ماتا جي
قربان ڪئي آهي. پنهنجي دل ۽ دماغ جي پگهر
جيڪي گرنٿ ڪڍيا آهنس، تنجي هزارن جي
ت پڻ شڪتي آشرم ۾ ارپڻ ڪئي ويندي. اهو
يبن خدمتن سان گڏ انيڪ بيا گرنٿ، سنڌي هندي
ي ۾، پئدا ڪندو. افسوس اهو آهي جو اسان
کي ٽرڪو ٽرڪو شڪولن ڪاليجن جو وڏو قدر
جنهن ۾ گنت مت پٺي تي پاڙهجي، جنهن ۾ دل
اغ جي هاڃي سا ٿئي ٿي تنهن ٿي اسين لکها ٽا
ن، پر ههڙن شڪتي آشرم جهڙن ناپئد ڪمن جو
قدر نہ اٿئون. اسانجو رايو آهي تہ سڄو فند واسواڻي
ي همت ۾ رکي جو تہ مليوئي هن کي آهي، پوءِ پل
ڪميٽي وٽيس تہ پاڻ ناهي. تنهن لاءِ ضروري
تہ اٽڪ ڪوبہ نہ وجهي، مگر يتا شڪتي سندس
ڻ ۾ بهرو وٺي.

سالن کانپوءِ ڪيو. ڪيترا سال حيدرآباد ۾ ڪين آ
پر نيت قدرت هنکي ڇڪي پنهنجي جنم استان ۾ آن
ڇا نه واسواڻي حيدرآباد شهر سان محبت ڪيون آه
ڇا نه هن صاحب حيدرآباد شهر جي شيوا ڪئي آه
ڇڏجي ڪٿي نه هن حيدرآباد شهر مان دوزخ جا دون
ڪيدي انهن جي جاءِ تي سورگ جون هيرون پي آندي
آهن. حيدرآباد جي گرسنگت کان وٺي، ويندي ڏ
ڏي قلعه هيٺ گرنگر تائين، ڪئين مکيه مرڪز سنڌ
هٿ ۾ آهن، سنڌي گرپ، برهم مندر، ناري شالو
بيسنت هال، ڪلياڻ مندر ۽ پڙ پيا انيڪ مندر ۽ سيائو
سڪول ۽ ڪاليج مڙني ۾ واسواڻي جي اُملهه پڳتي
شڪتي جو واسو آهي- ۽ سندس اُپديش ۾ ائين نه آه
نه ڪي پراڻيون ڪتائون آهن، پر ساري دنيا ج
ساهت جي پلت سندن وياکياڻن ۾ پکڙندي رهي ت
نينگرين لاءِ وري خاص ڪلاس اٿس؛ ڇا سنڌيءَ
ڇا انگريزيءَ ۾- جهان جي اُتم خيال، ۽ جذبي جي اپ
ڪندي نينگرن ۽ نينگرين جي دماغ ۽ دل روپي چ
۾ واسواڻي انوپ گل پوکي رهيو آهي. هيءَ هڪ ناي
شيوا آهي. سندس آدرش آهي ته انهي چمن ۾ ڪ
مڙيئي "محبوب گل" پيدا ڪجن جي دل ۾ پڪ
ڌاري سنسار ۾ شڪتي پيدا ري ڪن. انهيءَ لاءِ ه
شڪتي آشرم ڪولڻ جا پٺي سانباها ڪيا آهن. پ
پريلن، ننڍين ۽ وڏن، پائيبندن ۽ عاملن هڪ مرد

هيٺ چگو ڪم ڪري رهيو آهي. ”شڪتي آشرم“
ڪم ۾ هن هڪ ڳالهه تي زور ڏنل آهي ته
تي وڌايو!“. شهر ۾ جيڪو ”شڪتي آشرم“
هيٺ منگل تي ست سنگ ٿئي ٿو اتي به
وري وري هن ڳالهه جو ذڪر ڪيو آهي ته
وري ڪيو! ”شڪتي وڌايو!“. سڄي سنڌ کي
شڪتي جي سنديش جي گهڻي ضرورت آهي.
جو هڪ ودوان، ڊاڪٽر ويسل لکي ٿو ته
واسواڻي جون ڪي ليڪچرون ٻڌيون آهن ۽ هن
انسان جو اثر منهنجي دل تي عجيب ٿيو آهي.
ملي منهنجي اندر هندستان لاءِ نئين اميد جاڳي
مون دنيا جي سير ۾ راجائون، شهزادا، وزير،
نيتا ۽ فلسوف ڏٺا آهن، تن سڀن ۾ ٦ چونڊيا
بابت ائين چئي سگهان ٿو ته سچ پچ مهاپرش
(Grea آهن. انهن مان ٢ مري ويا آهن. باقي
ان واسواڻي کي مان هڪ ڪري ٿو سمجهان. هي
سان آهي جنهن کي وڏي دماغ سان گڏ سادگي
ت آهي، ۽ ڪيس سڃاڻڻ آهي ڪيس پيار ڪرڻ.
پيغام آهي ته ”شڪتي وڌايو!“ انهيءَ سنديش
روي ڪرڻ سان ئي دنيا ۾ سک ايندو.“ اهو
واسواڻي حيدرآباد جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ ڏيئي رهيو
شال شڪتي آشرم کي وڏيڪ طاقت ملي ته اهو
حيدرآباد ۾ ۽ سنڌ ۾ ننڍن وڏن جي جيون ۾ جاڳي!

شڪتي آشرم جي سڪيا *

"شڪتي آشرم" ٿورن مهنن اندر گوڙ شور ڪانسو
اُتساهه ڪم ڪري رهيو آهي. خاص پيڙن لاءِ
"سڪي ست سنگ" کوليو ويو آهي انهيءَ ۾ روز ر
اُتساهه وٺندو وڃي ٿو. ٦ بجي صبوح جو هر روز ستسن
لڳي ٿو سو پيڙن جي اندر گهڻو امنگ پيدا ڪري ٿ
۽ صبوح جي اپديش ۾ واسواڻي وري وري هن ڳا
تي پئي زور رکيو آهي ته ڏينيءَ ليتيءَ کان منهن موڙي
خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته اهڙي ست سنگ ۾ وڏيو
۽ ننڍيون پيڙون وڏي تعداد ۾ شامل ٿين ٿيون
"شڪتي آشرم" جو ٻيو ڪم ٻه وٺندو وڃن ت
"گيتا ڪلاس" ۾ ته هفتي هفتي تعداد وڃن وٺند
۽ وڏو هال وڃن ننڍو ٿيندو. آرتوار شام جو ستسن
ٻه ڏاڍي اتساهه سان ٿئي ٿو ۽ وديارٿين ۽ غريبن ج
شيوا ٻه "شڪتي آشرم" ڪندو اچي ٿو. واسواڻيءَ
هڪ مکيه منتر هي آهي ته "غريبن جي شيوا آه
پرڀوءَ جي پوڄا".

وديارٿين ۽ نوجوانن لاءِ ٻه "شڪتي آشرم" ج

* ["ديش متر" مان نڪتل]

ن پوي رهيو. اڄوڪي ڏينهن پريو اچي ٿو،
آسيس ڪٽي اچي ٿو. آسيس نه موٽائجو!". سانجهيءَ
ي ميٽنگھ تي؛ انهيءَ ميٽنگھ تي پيٽرون شڪتي
سڪي ست سنگھ کي آسيس ڏني ۽ شري ڪرشن
ون چرتر ۽ سندس سنديش تي ننڍيون تقريون
. سندر گيت به ڳايائون. پڇاڙيءَ ۾ واسواڻي شري
جي جيون مان هڪ ڳالهه ٻڌائي ۽ چيائين ته:-
ن به وڻ وانگي ٿيو. وڻ تڏهن ڪوسي سهي ٿو،
يوو ٻين کي ڏئي ٿو. وڻ جيئي ٿو ٻين لاءِ. سي
جن جي جيون آهه ٻين جي واسطي، غريبن
ن جي شيوا واسطي!". سِڪي ست سنگھ جو مندر
سندر نموني ۾ پيٽرون سينگاريو هو ۽ سڄو بندوبست
جوڳو هو.

* (٢)

ن ست سنگھ ۾ وڏيون ننڍيون پيٽرون شامل آهن
ي ڪم ڪن ٿيون. "سڪي ست سنگھ" سنئي جڳهه
۽ انهي جڳهه ۾ خاص ڇوڪرين ۽ استرين لاءِ
ي ڪولڻ جو خيال به واسواڻي ڪري رهيو آهي.
ئبروي ۾ سنڌي، هندي، گرمکي ۽ انگريزي ۾
رکيا ويندا ۽ اهڙا ڪتاب جي ڇوڪريون ۽ استريون

["ڊيش مترا" مان نڪتل]

سڪي سَت سنگه

(۱)

شڪتي آشرم جي شاخ، سڪي سَت سنگه جي ڪولڻ
مهورت هيرآباد ۾ جنماشٽميءَ ڏينهن واسواڻي ڪيو. ڏاب
اتساهه هو. پريمين جو تعداد وڏو هو. وهڻ ٻهڻ جي جڳ
ڪانه هئي، جيتوڻيڪ ڪولڻ جو مهورت صبوح جو ٦ بجي رک
ويو هو. شروعات ۾ ڀڄن وڄي. تنهنڪان پوءِ مرلي تي را
ٿيو. پوءِ پريمين گيت ڳايا. واسواڻي پرارٿنا ڪئي ۽ شاس
پاٺ ڪيو. پوءِ اپديش ڪيائين جنهن ۾ ڏيکاريائين
"ڪئين نه حيدرآباد جا گهڻا گهر دکي ٿي رهيا آهن
چو ته ڏيتي ليتي جي ڏائڻ قلعو ناهي ويٺي آهي.
واسواڻي چيو ته:- "اهو قلعو ڊاهيندا سين! گڏجي گڏ ج
سَت گرو جي ڪرپا سان ڊاهيندا سين. اڄوڪي ڏينه
تي آسيس آهي. جنماشٽمي شيام سندر جي جنم
ڏينهن آهي. جڏهين سنت جو جنم ٿئي تڏهين گ
ڦلن جي ورکا ٿئي. سڪي سَت سنگه جنماشٽميءَ جو هڏ
گل آهي. شل پرڀوءَ جي ڪمل چرنن ۾ قبول پوي
ڪئين قبول پوي؟ اڄوڪي ڏينهن ڏيتي ليتي جـ

ڪري رهيون آهن ۽ ٻينن لاءِ هڪ خاص ريڊنگ
ڪولي ويئي آهي. ريڊنگ روم ۾ خاص ڪري
ا رکيل آهن جن جو اثر دماغ ۽ دل تي چڱو
۽ جن جي پڙهڻ مان پوترتا، سادگي ۽ شيوا جا
رتن.

(۴)

سکي ست سنگ" هيرآباد ۾ صبوح جو ٦ بجي روز
ارٿنا ٿئي ٿي ۽ واسواڻي جو اُپديش ٿئي ٿو؛
نندين ٻينن گھٽي اُتساهه سان شامل ٿين ٿيون،
امرت ويلي ست سنگ ۾ گهڻو آنند اچي ٿو.
ڏينهن سکي ست سنگ ۾ گيتا ڪلاس ٿئي ٿو.
تا ڪلاس واسواڻي اڳئين آرتوار تي کوليو- هن
ڪلاس ۾ واسواڻي گيتا تي اُپديش سنڌي ۾ ٿو
اهو ڪلاس خاص استرين ۽ ڇوڪرين لاءِ آهي.
"گيتا ڪلاس" کولڻ مهل واسواڻي پنهنجي نندي
ڇيو ته "مان چاهيان ٿو ته هڪ ٻيڻ هنن
ڪن جو ابياس ڪري:- سکمني ۽ گيتا"- واسواڻي
کمني ڪلاس آرتوار آرتوار تي گرو سنگت ۾ هيرآباد
ي ڇهين صبوح جو ٿئي ٿو ۽ سندس گيتا ڪلاس
واسطي "سکي ست سنگ" ۾ هر هفتي آرتوار
جو سادي نوين کان سادي ڏهين بجي تائين
و.

پڙهي فائدو وٺن. اڄ ڪي ڇوڪرا ڇوڪريون ڪي
ڪتاب پڙهن ٿا جي پڙهڻ نه کپن. واسواڻي جو وي
آهي ته ڪتاب اهڙا پڙهڻ کپن جنهن دماغ به کلي
دل به صاف ٿئي. هڪ هڪ ڪتاب ۾ هڪ سندر خز
آهه جو جيڪر سڀني حياتي ۾ ڪمائنو ٿئي. واسواڻي ج
"سکي ڪلاس" مان اڳيئي ڪيترين ڇوڪرين ڪ
نئين وديا ملي رهي آهي، اها وديا جنهنجو پوتو ت
سادگي ۽ شيوا جي روشني آهي. هيئنر جوهي "سک
ست سنگ" جنماشٽمي جي ڏينهن کليو سو ڏاڍو ڪمائ
ٿي سگهيٺو، ۽ جيڪڏهن سکي ست سنگ ڪري ڪي
اهڙيون پينرون تيار ٿين جي ڏيتي ليتي جي مرض ڪي
مات ڪرڻ ۾ مدد ڪن ته بيشڪ انهي هڪ شيوا جو
ڪم ڪرڻ سان ئي شڪتي آشرم پاڻ موڪيندو.

(٣) *

"سکي ست سنگ" جو شڪتي آشرم جي سهار
هيٺ جنم اسٽمي جي ڏينهن کليو آهي تنهن لاءِ پينر
۾ گهڻو اتساهه ٿيو آهي ۽ گهڻن پائرن به آسيس ڏني آهي
واسواڻي جو ويچار آهي ته پنگتي سڌارو ٿئي. تنهن ل
هڪ نئين وايو منڊل جي ضرورت آهي ۽ اهڙ
وايو منڊل پينرن جي شڪتي سان ئي ايندو. هن "سک
ست سنگ" ۾ ننڍيون وڏيون پينرون گهڻي اتساهه سا

* ["هندو جاتي" مان نڪتل]

روت آهي. سنڌي شاگرد مڻا آهن، پر ڪمزور.
۽ آچار ۾ شڪتي هڻڻ کپي. نوجوانن جي هلچل
ڪتي هلچل. نوجوان ئي تاريخ ٺاهين ٿا."

شڪتي آشرم: گيتا ڪلاس - هي ڪلاس هفتي
ي برهمو مندر ۾ ٻدر شام جو ٿئي ٿو. انهيءَ
ن جو منتري مسٽر هاساننڊ لکي ٿو ته: "هن ڪلاس
ص مطلب هي آهي ته هيءُ پارٽ جو پراچين
نئين زماني جي نئين روشني ۾ اڀياس ڪيو
۽ واسواڻي خاص طرح ڏيکارڻ چاهيندو ته "گيتا"
گيءَ طرح سمجهڻ سان ۽ گيتا جي سکيا کي استعمال
سان ڪئن نه نوجوانن جي اندر هڪ نئين شڪتي
جا شڪتي وٺي هو هن نئين زماني ۾ پنهنجا فرض
ري سگهن ۽ پنهنجي ديش جي شيوا ڪري سگهن."

شڪتي آشرم لاءِ اُتساهه:- "ديش متر" اخبار
ي ته:- "شڪتي آشرم" جي ڪم ۾ ٻائرن ۽ پيئرن
يڪ وڏيڪ اتساهه ٿي رهيو آهه ۽ آشرم جي هڪ
شاخ جي ميٽنگ تي نر ناريون وڏي تعداد ۾ حاضر
۽ سندن اُتساهه ڏسي نئين اميد جاڳي ٿي. سوامي
ملتان مان آيل آهه ۽ هن وقت ڀائي ايسرداس جي
باغ ۾ لٿل آهه؛ جڏهين تازو انهي ۽ واسواڻي

چٽڪا

سڪي ست سنگ. ”سڪي ست سنگ“
اُتساهه ڏينهون ڏينهن وڌي ٿو وڃي. روز صبوح
٦ بجي واسواڻي ست سنگ ڪري ٿو ۽ اُپديش ڏئي
۽ سانجهيءَ جو به ست سنگ ٿئي ٿو. ”سڪي ست سنگ
۾ ”گيتا ڪلاس“ کليو آهه. هن هفتي خاص ڀينرن
هڪ ”ريڊنگ روم“ به کولي ويٺي آهه. ”مولي ڪلاس
به جلد کلڻو آهه ۽ جي ڀينروون مولي سکڻ ٿيون چاهه
تن جا نالا ورتا پيا وڃن. وڏيون ننڍيون ڀينرون اُتس
سان ”سڪي ست سنگ“ جي ڪم ۾ مشغول آهه
”گيتا“ ۾ سال ۾ ٻه امتحان ٿيندا ۽ ٿيهن رپين
انعام انهن ڀينرن کي ملندا جي پهريون ۽ ٻيو نمبر ايندي
ڀينرن ۾ گهڻو اُتساهه آهه ۽ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي ۽ پائ
به آسيس ڏني آهي. واسواڻيءَ تازو چيو ته ”جا پنگ
سڌارو، جا راجنيتي اُڌار، جا نئين وديا جو واڌار
سڀن لاءِ هڪ نئين وايو منڊل جي ضرورت آهه ۽ اه
وايو منڊل ڀينرن جي شڪتيءَ سان ٺهي ايندو.“

شڪتي! وڏيڪ شڪتي!! - بيسنت هال ۾ نوجو
کي پنهنجي تقرير ۾ واسواڻي چيو ته: ”سنڌ کي شڪت

ـپ جو پيغام- انهيءَ وشيہ تي واسواٽي هڪ
ـير اڳيان چيو: ”مان توهان سڀن جي محبت اڳيان
ڪايان ٿو. جنهن ڏينهن کان وٺي مان هت پهارن
ـي آيو آهيان، تنهن ڏينهن کان وٺي توهان مونکي
ـي پشپ ڀي موڪليا آهن. اها توهانجي پريم جي
ـهي. پشپ جو پيغام ڇا آهي؟ جنهن وقت ولايت جو
جـوڌو نيپولين نظربند قيدي هو، هڪ اڪيلي
ـري ٻيٽ ۾، انهيءَ وقت هن پنهنجي دلگيري
ـٿن ڪٿي؟ گلن سان، پشپن سان، پيو ڪيڏيندو هو.
گلاب گـل سونهن وارو؛ پر تنهن کان ٻـہ وڌيڪ
ـل، منهنجي دل کي وڌيڪ وڻندڙ پشپ، آهہ
گل. رنگ ۾ سفيد، قد ۾ سندر، شڪل ۾ سهڻو
ـنول گل. ايـڏي سونهن ڪيس ڪٿان ٿي اچي؟
ـبح جو جڏهن سج اُڀري، تڏهن ڪنول گل سج ڏانهن
ـيو، ۽ سج جي روشني پيئي پيو. توهين ٻہ ڪنول
ـگو ٿيـو. نهاريـو! نهاريـو! پنهنجي پريتم ڏانهن
! پريتم جـي روشني، پريم جي روشني پيئو تہ
ـجي زندگي پوتر ٿئي ۽ تـوهانکي سچي سونهن ۽
ـي سوڀيا ملي!“

جي وچ ۾ ملاقات ٿي ته ڏهين انهيءَ سنياسي چيو ته
”هي سندر وڏو باغ جو ڦليلي جي ڪناري تي آهه
ڏهين سڦل ٿيندو جڏهين شڪتي آشرم کي ملندو
اهڙي سندر استان تي شڪتي آشرم کي استاپن ڪر
۾ سڄي شهر ۽ سنڌ جو شان ٿيندو“ - شڪتي آشرم بابت
ٻڌي رشي ڪيش جو مشهور سنياسي، سوامي گنيگيشور آن
ٻه ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ چيائين ته ”حيدرآباد جا ڀاڳ آهه
جو اهڙو آشرم هٿ ڪلي ٿو.“

وچون پنهنجي تلاش ۾ - سوم رات جو واسواڻي

مرهتا منڊليءَ کي گڏيو. پرنسپال گوکلي ٻه حاضر ه
جنهن شروعات ۾ تقرير ڪئي جنهن ۾ ڏيکاريائين
ڪئين نه هڪ آد مي سڪه جي تلاش ۾ آهي. واسواڻي
ٿورن لفظن ۾ مرهتا پائون جي مرحبا لاءِ شڪرانا ظاه
ڪيا ۽ چيو ته ”جو چاهي ته مان سڪه ڏام ڏ
وڃان، تنهن کي کپي ته پنهنجي تلاش ۾ وڃن. ڪيترا
ڪيترا آهن پنهنجي پدارت پوڳ، پان مان شان جي تلاش
۾ ؛ پرسي سياڳا جي آهن پنهنجي تلاش ۾، جي پ
پيا ته اسين ڪير؟ آياسين ڪٿان؟ وڃون ڪيڏانه
پيا؟ ۽ گهر اسان جو آهي ڪٿي؟ اسانجو روپ، س
سروپ ڇا آهه؟“

سنت مالا [د هفتيوار]

واٽيءَ جو وشواس آهي ته ”آتمڪ آدرش (spiritual ideal)
يءَ جا سوال حل ٿي نٿا سگهن ۽ نه ڀارت جو اُڌار
درش بنان ٿي سگهندو.“
چوي ٿو ته:- ”هن نئين يگ ۾، نئين زماني ۾،
رگ جي روشني وڌيڪ چمڪندي- هن
د ماغ جي چاهنا آهي سائنس (science) واسطي، ۽
پياس آهي پريم واسطي- سنت مارگ ايڪتا، محبت،
پورو جهنڊو جهولي ٿو- سائنس ۽ محبت ٻنهي
پ سنت مارگ ۾ آهي.“
بترا گهر ڪري رهيا آهن ته ”سنت مالا“ هفتي ۾
ڪري ته چڱو- ”سنت مالا“ هن وقت د هفتيوار آهي ۽
هفتي نڪرندي- ساليانو چندو ٽپال خرچ سميت
آهي- ”سنت مالا“ ۾ واسواڻي جا وياکياڻ ڇپايا
سنتن، ديش ڀڳتن، رشين ۽ سورمن جي جيون چرتر
آتم وديا بنسبت ڳالهيون پونديون.
”سنت مالا“ جو سنديش گهڻن جي دلين اندر
جي! ۽ غريبن جي سيوا واسطي اُتساهه پيدا ڪري!
فقط هڪ خزانو آهي، اُنهو نالو پريم- واسواڻيءَ جو
چوڻ آهه ته:- ”غريبن جي ٽهل ڪريو ته ڀارت
، ڀارت آزاد ٿئي.“
سنت مالا“ بنسبت سڀ لکپڙهه هيٺين ائڊريس
ڻ گهرجي:- مئنيجر ”سنت مالا“
”سنت مالا“ آفيس، حيدرآباد سنڌ.

نوجوان ۽ ڌرم- برهمو سماج جي اتسو ج

سنبنڌ ۾ وسپت شام جو هڪ وڏو ميڙ ٿيو انهيءَ ميٽنگ
تي پرنسپال ڪمار، مسٽر جامني ڪانت ڪور ۽ هزاري ل
تقريرون ڪيون. واسواڻي سڀاپتي هو. ڳالهائيندڙن
ڳالهه تي زور رکيو ته نوجوانن کي ڌرم کان بي مک ٿ
نه کپي، ڌرم کانسواءِ هو پنهنجي چال چلگت ڪ
سڌاري سگهندا؟ واسواڻي پنهنجي تقرير ۾ چيو ته "نوجو
اڄ ڪلهه کليءَ طرح ڌرم جي برخلاف آهن تنهن ۾ سنڌ
ڏوهه ڪونهي. ڌرم کي ڪيترا ٻاهريون لباس ڪري
سمجهن، ۽ لباسي ساڌو ۽ لباسي سوامي وڃن ٿا وڌند
پوءِ ڪيئن نوجوانن جي دلين ۾ ڌرم لاءِ عزت ٿيندي
آتما آهه جوت، روشني، ۽ آتمڪ زندگي انه
جي کلي آهي جنهن جي جيوت ۾ جوت جاڳي آه
اها جوت اندر ۾ آهه، ۽ جو اها جوت ڏسي ٿو سو ڌ
جي نالي ۾ تڪرار نٿو ڪري، پر سڀني سنتن ۽ سڀ
ڌرمن لاءِ دل اندر عزت رکي ٿو. نوجوان کي لبا
ڌرم ۽ سمپرداءِ قبول ڪونهن. نوجوانن کي اهو ڌ
کپي جنهنجو منتر آهي پريم ۽ قرباني."

Printed and published by Tahilram Lokumal Punwani,
at the
National (Electric) Printing Works, Hyderabad Sind.

No 695/355

Reg. No. S. 389.

ماﻻ

[٢

سوُرج مکي!



ٻُڌ ديو

واسواڻي

"سنت مالا" فنڊ

واسواڻي چاهي ٿو ته نه فقط حيدرآباد ۾ پر سڄي سنڌ ۾ شهرن ۽ ڳوٺن اندر، "سنت مالا" جا انڪ هزارن جي تعداد ۾ نر ناريون، ود ياريٿي ۽ نوجوان، ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پڙهن. تنهن لاءِ ۽ "سنت مالا" جي ڪم کي پوري طرح هلائڻ لاءِ، ۽ واسواڻيءَ جي پيغام کي سنڌي ٻوليءَ ۾ پکيڙڻ لاءِ گيتا ۽ اُپنشدن ۽ گرنٿ صاحب تي سنڌس پستڪن کي ڇپائڻ لاءِ هڪ فنڊ جاري ڪيو ويو آهي. جنهن به پائي پئسو کي فنڊ ۾ ڪجهه به ڏيڻو هجي ته مهرباني ڪري هيٺين ائڊريس تي موڪلي:-

مئنيجر "سنت مالا" آفيس، حيدرآباد سنڌ

"سنت مالا"

واسواڻي جا سنڌيءَ ۾ پستڪ

(۱) نيلو گلستان (۲) نوجيون (۳) غريبن جا ڳوڙها (۴) ايڪتا جو اوتار (۵) منوهر مرلي (٦) دين بنڌو (۷) ماڌري (۸) سنت جو رهبر: ساڌو هيرانند (۹) هند جو هيرو (۱۰) روشني! روشني! (۱۱) شيام سندر (۱۲) شڪتي آشرم.

"سنت مالا" لاءِ ايجنٽ

"سنت مالا" پستڪن لاءِ سڀني ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ايجنٽ کپن، جي گراهڪن وٺڻ ۽ پستڪن جي وڪري ۾ ۽ ٻيءَ طرح واسواڻيءَ جي پيغام پکيڙڻ ۾ مدد ڪن. ايجنٽن کي ڪميشن چڱي ملندي. سڀ لکپڙهه هيٺين ائڊريس تي ڪرڻ گهرجي.

مئنيجر "سنت مالا" آفيس، حيدرآباد سنڌ

پرستاونا

... انڪ ۾ ”سکي ست سنگ“ جي آدرش ۽ ڪم
... ذڪر ڏنل آهي. ”سکي ست سنگ“ ۾ ٻيئرون،
... ۽ ننڍيون شامل آهن ۽ ڏاڍي اُتساهه سان ڪم
...ون.

...سکي ست سنگ“ جو آدرش آهي تہ ”سورج مکي
...گر ٿيو!“- انهيءَ گل جو مک سدائين ٻهو نهاري
...هن. تئن هرهڪ کي ستگروءَ ڏانهن نهارڻ کپي.
...سين بي مک ٿي رهون تہ شل سنمک ٿيڻ سکون!
...ٻاڳا جي ستگروءَ جي سنمکہ رهن ٿا.

واسواڻي

”سنت مالا“

واسواڻي جا سنڌيءَ ۾ پستڪ

...و گلستان (٢) نوجيون (٣) غريبن جا ڳوڙها
...ڪنا جو اوتار (٥) منوهر مرلي (٦) دين بنڌو
...ڏري (٨) سنڌ جو رهبر: ساڌو هيرانند (٩)
... جو هيرو (١٠) روشني! روشني! (١١)
... سندر (١٢) شڪتي آشرم (١٣) تصويرون
...ءِ (١٥) نانڪ نرنڪاري (١٦) گوتم جا گل
...گرو گوبند سنگهہ (١٨) هند و آدرش
...پشپ (٢٠) هٺ چور، سکي (٢٢) سورج

سمرپڻ

سيتا جي ڪمل چرنن ۾!

واسواڻي

وشيہ سُوچي

آدرش *

...وڪو ڏينھن سڀاڳو آھي. اڄوڪي ڏينھن ...
...ندر جو جنم ٿيو. ۽ اڄ ھن جنماشٽميءَ جي ڏينھن،
...ت سنگ جو جنم ٿيو ٿو.
...ڪي ست سنگ جو مطلب ڇا آھي؟ آدرش ڪھڙو
...ي ست سنگ ڇو ٿو ڪڍي؟
...ھان پاڻ سان سندر پشپ آندا آھن، ۽ سندر گيت
...ن؛ ڇا جي واسطي؟
...يوءِ جي پيارن جي جنم وقت گلن جي ورکا ٿئي
...ھڪ ھڪ پريوءَ جو پيارو پاڻ سان پشپ، پريم
...ڪٺي اچي ٿو.
...ت جو مون تارن ڏي پٺي نھاريو ۽ تن تارن ۾
...ڙو ڀلو پريوءَ جو. پوءِ مون پڇيو:- "ھي پريتم!
...تيج مان ڏسان ٿو تارن ۾؛ سڀان صبوح جو اسان

...ڪي ست سنگ جو مھورت جنماشٽميءَ جي ڏينھن
...ھيءَ موقعي تي مون جيڪو پرڀات جو اُپديش
...ن ۾ مون سڪي ست سنگ جي آدرش جو ذڪر
...انھيءَ اُپديش جو مطلب ھت ڏنل آھي.

سنڌ مالا [د هفتيوار]

ڪيترا گھر ڪري رهيا آهن ته "سنڌ مالا" هفتي
هفتي نڪري ته چڱو. "سنڌ مالا" هن وقت د هفتيوار آهي
يي يي هفتي نڪرندي. ساليانو چندو ٢ رپيا آهي.

"سنڌ مالا" ۾ واسواڻي جا ويا کيا چپايا ويندا ۽ سنڌ
ديش پڳتن، رشين ۽ سورمن جي جيون چرتر ۽ ڀاڳي ۽
وديا بنسبت ڳالهيون پوندي يون.

شل "سنڌ مالا" جو سنڌ يش گھڻن جي دلين اندر گھر
وجي! ۽ غربن جي شيوا واسطي اُتساه پيدا ڪري! دنيا ۾ فقط هڪ
خزانو آهي ۽ اُنجو نالو پريم. واسواڻيءَ جو سپني ڪي جوڻ آهر ته
"غريبن جي ٿهل ڪريو ته ڀارت آباد ٿئي، ڀارت آزاد ٿئي

"سنڌ مالا" بہ نسبت سڀ لکپڙه هيٺين ائڊريس
ڪرڻ گھرجي:- "سنڌ مالا" آفيس
هيرآباد، حيدرآباد سنڌ

"سنڌ مالا" فنڊ

واسواڻي چاهي ٿو ته نه فقط حيدرآباد ۾ پر سڄي سنڌ
شهرن ۽ ڳوٺن اندر، "سنڌ مالا" جا انڪ هزارن جي تعداد
۾ نرنارين، ود يارٿي ۽ نوجوان، ڇوڪر ۽ ڇوڪريون پڙهن
تنهن لاءِ ۽ "سنڌ مالا" جي ڪم کي پوريءَ طرح هلائڻ
لاءِ، ۽ واسواڻيءَ جي پيغام کي سنڌي بوليءَ ۾ پکيڙڻ لاءِ
گيتا ۽ اُپنشدن ۽ گرنٿ صاحب تي سنڌس پستڪن
ڇپائڻ لاءِ هڪ فنڊ جاري ڪيو ويو آهي. جنهن به ڀائر
کي فنڊ ۾ ڪجھ بہ ڏيڻو هجي ته مهرباني ڪري هيٺين
ائڊريس تي موڪلي:-

مئنيجر "سنڌ مالا" آفيس، حيدرآباد سنڌ

آدرش

آهه. اڄوڪي ڏينهن شل اوهانجي اندر هي اراد و
اسين ضرور انهيءَ ڏينهن ليٽيءَ جي قلعي ڪوٽ
ع ڪنداسين. توهين اڄ وڏي اُتساهه سان همت
آهيو. توهان پشپن جي ورکا ڪئي آهي. جي
ي سچو پريم آهه ته مونکي هن ڪم ۾ مدد ڪريو.
ڪيلو آهيان. ويچارن غريبن، مسڪينن جي شوڪ
و وڃان ٿو. ڏينهن ليٽيءَ جي ڏائڻ سان جنگ
۾ منهنجي مدد ڪريو.

ڪ ماڻهوءَ جي ڳالهه آهي. هڪ ڳوٺ ۾ وڃيٿو.
ل مان ڪيس لنگهڻو پوي ٿو. ۽ ڏينهن ڪيس روئي
ملي آهي. ٽيون ڏينهن اڄي ٿيو آهه. وڻ هيٺ
وقت آرام ڪري ٿو. ڏاڍي بک لڳي اٿس.
هڪ ٻالڪ ڏسي ٿو، جنهنجي جسم ۾ عجيب
آهه. گهريءَ گهريءَ انهيءَ ڏانهن پيو نهاري. ٻالڪ
ونهن ڏسي تپوس ۾ پئي ٿو ۽ ٻالڪ کي گهڻو پيار
ٿو. پياس اٿس ته انهيءَ ٻالڪ جي ويجهو وڃان
هو مونسان ٻئي اکر ڳالهائي. ٻالڪ جي ويجهو
ٿو ۽ چوپس ٿو:-

ماڻهو:- پيارا! مونکي خبر نه آهه ته ڇو تنهنجي لاءِ
پيار اٿم. هاڻي مونسان ڪجهه ڳالهاءِ ته سهين!
ٻالڪ پيو مشڪي!

وت ايندي نه؟" - مونکي چيائين :- "مان ايندس،
جي اوهين دروازو کوليو." مون چيو:- "سياڻي مونکي
۽ منهنجي پيرن کي ۽ حيدرآباد شهر کي گل که
ڏينديون؟" چيائين :- "سکي ست سنگ، اٿيئي پش
منهنجي پريم جو."

پشپن، گلن جا ڪيترائي قسم آهن. هڪ هڪ ک
پنهنجي سونهن آهي. انهن مان هڪ گل جو نالو آ
"سُورج مُکي". انهيءَ پشپ تي اِهو نالو هن ڪر
پيو آهي جو سندس مک سچو ڏينهن سج ڏانهن آهي
سج لهي ته هي گل به اکيون بند ڪري، ڪُومائجي وڃي

"سکي ست سنگ" اَج ڪلهه تو هن لاءِ ته اسين س
جي سج، ستگروءَ، ڏانهن نهارڻ سکون. هڪ هڪ ک
سچي سکي تيڻ ڪجي ۽ سچي سکي آهه سورج مک
گل وانگر.

اڄ شيام سندر جو جنم ڏينهن آهه؛ اڄوڪي ڏينه
تي آسيس آهه. آسيس ونجو! آسيس نه موٽائجو!
ڏيتيءَ ليتيءَ جي ڏائڻ کي پنهنجن گهرن ۾ پير پائڻ
ڏجو. ڏٽن جي چڪ تاڻ ۾ پاڻ کي نه وجهجو. اڄوڪ
ڏينهن ستگرو پرساد کڻي اچي تو؛ نه موٽائجو. ائ
سمجهو ته اڄ اوهانجي زندگيءَ ۾ هڪ نئون ڏينهن اچيئ

ڪيترا پائر ۽ ڪيترئي پيرن شهر جي هيءَ حال
ڏسي دلگير آهن. انهن جي ڳٽتي مونکي پڻ ڳار

آدرش

ٺهو:- ڪهڙي شيءِ؟ ڪهڙو خزانو؟

يام سندر:- دل ۾ رک، درد ۽ محبت غريبن،
ن واسطي. انهيءَ درد، محبت جي خزاني سان
هراء منهنجي واسطي!

***

ڙو مندر پنهنجن دلين اندر ناهيو؛ تنهن لاءِ
ئو! غريبن، مسڪينن لاءِ دل ۾ درد ۽ محبت رکو!
يتيءَ ليتيءَ هزارن گهرن کي دکي ڪيو آهي.
ي ڏينهن سکي ست سنگ جو مندر کلي ٿو؛ شل
پنهنجي اندر پريم جو مندر کوليو!

ين چرخو چور، جيئن پون ۽ پٽڪو نہ ٿئي؛
نهي پر عجيب کي، آدب سان ٿي اور؛
هر تڪ ۾ تور؛ ڪت تہ ملين ڪانڌ کي.

کري ڪُوچ ويا، سيئي سنسار مون،
ير پيغمبر اوليا، جن پنهنجا پنت ڪيا،
گياني، ڌياني، گرهستي، سامي پنڌ پيا؛
سيئي غيب ٿيا؛ تو چا سمجهو پاڻ کي؟

سورج مکي

ماڻهو وري وري پيو چويس ته ”ڪُڇ ته سهين !
پر ٻالڪ وري وري پيو مشڪي. ماڻهو ڏاڍو دلگـ
تو ٿئي. تڏهين ٻالڪ چپن تي مرلي چاڙهي تو، ۽ مرلي
منجهان سندر راڳ ڇڪي تو.

ماڻهو بنسري ٻُـڌي گد گد ٿئي تو ۽ چوي تـو:
”هي ته شيام سندر آهي! منهنجي پڪار سڻي مون و
آيو آهه!!“- تڏهين يڪدم شيام سندر جي ڪمل چرن
م ڪِري پوي تو ۽ پوءِ چويس تو:-

”منهنجا پريتم! اڄ سڀاڳي ڏينهن تنهنجو درشـ
نصيب ٿيو اٿم. هاڻ مان ڇا ڪريان تو واسطي؟“

شيام سندر چويس تو:- ”هي منهنجو سندر روپ
ڏسي نه پلج! مونکي ڏاڍي تڪليف اٿيئي!“

ماڻهو:- ”تڪليف ڪهڙي؟“

شيام سندر:- ”مونکي رهڻ ڪاڻ مندر ڪونهي
مان پيو پٽڪان. مينهن پوي ته منهنجي مٿان اچي پاڻي
پوي؛ سج نڪري ته مون تي اچي گرمي ڪري
هاڻ مون لاءِ هي ڪم ڪر. منهنجي لاءِ مندر ٺهراءِ

ماڻهو:- پر، پريتم! مونکي ته پئسو ڪونه آهي، پو
مان مندر ڪٿان ٺهرايان؟

شيام سندر:- پئسي جي گهرج ڪانه آهه؛ هڪ شـ
ڪپي، هڪ خزانو.

جو پوتو پيغام ڏنائين. سٽ سنگين کي سکيون
ڪري ڪونيائين.

ڏينهن شيام سندر بنسري وڄائيندي هڪ وڻ
يٺي چڙهي ويو هو. سکيون کيس ڏاڍو زور
يون ته هيٺ لهي اچ؛ مٿان ڪري نه پوين.
ر هيٺ لهي آيو. سکيون کيس چيون تيون ته
اپديش ڏي!"

سندر چيو ته:- "وڻ وانگر ٿيو!"

يون پڇيو تيون:- "سو وري ڪيئن؟"

سندر چيو ته:- "ڏسو! هي وڻ گرميءَ ۾
۾ بيٺو آهي. ڪرڪي ڪنجهي ڪونه ٿو-
ڇانو هيٺ ڪيترن کي آرام ڏئي ٿو، ۽ وري
ڪنجهس ميوو ٿئي ٿو ته ڏهين اهو ٻين کي ملي ٿو."
سندر سکين کي وڻ مان پٽيل ميوو کائڻ لاءِ
۽ وري کين چيو ته "وڻ وانگر ٿيو!"
ٿين به وڻ وانگر ٿيو! ٻين واسطي جيئڻ سکو. وڻ
ٻين واسطي. زندگي ملي آهه ٻين واسطي. خود
ڪيترا وقت گذاري مري ويا. شل اوهان ٿي
آسيس ٿئي! شل توهين ڪجهه وقت ٻين جي
خرچ ڪريو! شل سکي سٽ سنگ جي آدرش کي
زندگيءَ ۾ عزت ڏيو! ۽ ڀُليوءَ کي نه وساريو!

وڻ وانگر *

هن پريمي اُتسؤ تي آسيس آهه.

اج منهنجي دل اندر وري هڪ نئين اُميد جو تا
چمڪيو آهه.

هن وقت مان پاڻکي هڪ نالائق نوڪر ڪري
سمجهان. انهيءَ ڏينهن مان پاڻکي سچو نوڪر سمجهندس
جنهن ڏينهن سڪي ست سنگ دوارن کن دکين دردر
جي تڪليف دور ٿيندي. شل اهو ڏينهن جلدي اچ
۽ منهنجي تپسيا ستگوروءَ جي ڪمل قدمن ۾ قبول پوي

هن ست سنگ ۾ توهين ننڍيون وڏيون هڪ ستگر
جون سڪيون آهيو. پوءِ آدرش تي هلڻ جي ڪوش
ڪنديون؟ هن ست سنگ ڪري منهنجي سر تي جوابدار
جو بوجو وڌيو آهه. سنڌ ۾ ۽ سنڌ کان ٻاهر هن وق
ماڻهو هن ست سنگ ڏانهن نهاري رهيا آهن ته ڏس
ته هن ست سنگ مان کهڙو نوڪر تيل نکري!

٥ هزار ورهيه اڳي شيام سندر پنهنجي مرليءَ
ڪيترن کي پاڻ ڏي ڇڪيو؛ گوڪل ۽ بندرا بن

---

* سڪي ست سنگ کولڻ جي ڏينهن شام جو اُتـ
مان اُتسؤ ٿيو- ۽ هت شام جي اُپديش جو مض
ذڪر آهي.

(٣)

Love is the Light of life.

ز روز جي ڪم ڪار ۾ شل پوتر پريم جي روشني
وڏيڪ چمڪي!

(۴)

Be simple! In simplicity is the true
of life.

دگيءَ جو منتر نه وسار! سادگيءَ ۾ ئي سچي
آهي.

(۵)

Humility and love are the shining lights
lead to the Temple of the Beloved.

رت ۽ محبت آهن سندر چمڪندڙ بتيون، جي
وني هلن ٿيون پريتم جي مندر ۾!

(٦)

Purity is the crown of life.

يون جو چمڪندڙ ڇت آهي پوترتا.

(٧)

Look up! See the Star of His mercy
follow it! follow it! on the path of life!

ار! مٿي نهار! ۽ ڏس تون تارو! پريوءَ جي پريم
! شل انهيءَ تاري جي روشني، سنگروءَ جي
ي روشني، چمڪي، تنهنجي جيون
۾!

پريم پشپ

["سکي ست سنگ" کي هک پستک آهي جنهن
نالو آهي "سندر ويچار". انهيءَ پستک ۾ مان وقت به وقت
کي نه کي ويچار سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ خاص پنهنجي
لاءِ لکندو آهيان. هيٺيان ويچار انهيءَ پستک مان کڍيا
آهن ۽ انهن مان "سکي ست سنگ" جي آدرش
اندروني آتما جي بهتر خبر پوندي. هک هک ويچار
جدا جدا ڏينهن لاءِ آهي.]

(١)

With love and longing in my heart, I come to Thee, O Lord of Love!

ستگرو! هن دل جي باغ ۾ شل پريم پشپ پيدا ٿين
تنهنجي ڪمل چرنن واسطي!

(٢)

Paint Thou Thy pictures of Beauty in the Temple of my heart, that I may gaze and gaze and grow in purity and love!

سک سان ۽ سوز سان هن دل ستار تي وينو گيت
ڳايان تو واسطي، وري وري تو واسطي! ست گرو! پو
چو تون پري پري؟

(١٢)

Beloved of my soul! Shine in my eyes
the music of Thy *murli* be on my lips and
heart, each day!

وز روز منهنجي اکين ۾ شل اچي چمڪو تنهنجي
جو، ستگرو! ۽ شل تنهنجي مرليءَ جو گيت چڙهي
چپن تي، ۽ نچي هن نماڻيءَ دل ۾!

(١٣)

O Krishna! Krishna! Come! Come! And
my heart a temple of Thy Love!

ڪرشن ڪنيا! اچ تون منهنجي اندر! ۽ ڪر تون
دل کي پنهنجو پوتر مندر!

(١٤)

They offer Thee rich gifts. I but place
flower at Thy Lotus-feet, O King of my heart

ڏيون سوکڙيون ڪٺي اچن ٿا تنهنجي دربار ۾! مون
فقط هڪ ننڍو نماڻو گل، جو مان رکان ٿو تنهنجي
قدمن ۾، منهنجي دل جا پريتم! منهنجي روح جا راڻا!

(١٥)

To serve the poor is to worship the Lord

غريبن جي شيوا آهه پربوءَ جي پوڄا.

(٨)

Make mine eyes pure that they may see in all, ...ections of Thy Beauty, O Beloved!

اکيون منهنجون صاف ڪر، ته سڀ ۾ ڏسان لنئ...
جي صورت جي سونهن، هي حاڪم! سونهن وارا!

(٩)

See Him, not in temples trafficking in silver and ...ld, but in humble cottages of the poor and lowly.

پنهنجي پريتم کي ڳول، وڃين ڳول، نه مندرن...
جت رپين جي راند آهه پر غريبن، مسڪينن جي ننڍ...
نماڻين جهوپڙين ۾!

(١٠)

Behold the Beauty of the Beloved in the ...onders of the Earth and the Heavens, and in the ...emple of thy heart!

نهار! نهار! پنهنجي پريتم جو درشن ڪر پرٿوي آسم...
جي اسرار ۾! نهار! نهار! ۽ ديدار ڪر سمت گروء جو، پنهنج...
دل جي مندر ۾!

(١١)

Give up thy rosary and the temple-bells. Go to ...e broken cottages of the poor, and there greet ...e Beloved!

ڇڏ گهنڊ ۽ پستڪن جا پرچا! ۽ وڃين ڳول پر...
کي، غريبن جي جهوپڙين ۾!

لاءِ هڪ خاص لئبرري ۽ ريڊنگ روم کولڻ جو
ڪيو ويو آهي. اهڙا پستڪ ۽ پترا رکيا ويندا
اثر دماغ ۽ دل تي چڱو رهي، ۽ جن جي پڙهڻ
رتا، سادگي ۽ سيوا جا خيال وڌن.

م مات پتا هم بالڪ تيري:- تازو گرو سنگت
ر جو سکي ست سنگ جي ٻچڙن جو راندين ڪانپوءِ
ت سنگ لڳو تنهن ۾ واسوانيءَ ٻڌايو ته:- "پرڀو
ع اسين سڀ سندس بالڪ آهيون. تنهنڪري هڪ
ن پاپ کان پري رهڻ کپي. جو شيطان جي چنبي
تو سو پنهنجو شان وڃائي ٿو."

اند يون ۽ ست سنگ:- "سکي ست سنگ"
هاري هيٺ هڪ نه ٻئي ڏينهن گورسنگت پارڪ
ن جون رانديون ٿين ٿيون ۽ تنهن ڪانپوءِ ست سنگ
. خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو "سکي ست سنگ"
اندين ۾ گهڻيون ٻچڙون شامل ٿين ٿيون ۽ اڳئين
ي کٽندڙن کي واسوانيءَ انعام ڏنو. ٻچڙون راندين
ه سان شامل ٿين ٿيون. جنهن شام جو راندين کان
ت سنگ ٿيو جنهن ۾ واسوانيءَ پنهنجي اُپديش ۾
، تي زور رکيو ته "ستگروءَ جي دربار آهه دل ۾.
صاف رکو! ويچار پوتر ڪريو! جت پوترتا آهه
گروءَ جي دربار آهه!"- آرتوار شام جو ٻه گهڙي

چنڊا

شيوا:- ”ديش متر“ اخبار لکي ٿي ته:-

”سکي ست سنگهه“ جي داوان ڪيترن غريبن مسڪينن جي سنڀال ٿي رهي آهه ۽ خوشي جي ڳالهه آهه ته سکي ست سنگهه جي شيوڪين معرفت چڱو ڪ ٿي رهيو آهه. چنچر ڏينهن سول اسپتال ۾ به غريبن کي کارايو ويو. شل ”سکي ست سنگهه“ وڌيڪ شيو ڪرڻ جي طاقت حاصل ڪري ۽ هڪ ڏينهن واسواڻي جون آسون اميدون پوريون ڪري.

نئون وايو منڊل:- [”هندو جاتيءَ“ مار نڪتل]:- ”سکي ست سنگهه“ جو جنم اسٿمي جي ڏينهن کليو آهي تنهن لاءِ ڀينرن ۾ گهڻو اتساهه ٿيو آهي ۽ گهڻ پائون به آسيس ڏني آهي. واسواڻي جو ويچار آهي ڀنگتي سڌارو ٿئي. تنهن لاءِ هڪ نئين وايو منڊل جي ضرورت آهي ۽ اهڙو وايو منڊل ڀينرن جي شڪتي سا ئي ايندو. هن ”سکي ست سنگهه“ ۾ ننڍيون وڏيون ڀينرون گهڻي اتساهه سان ڪم ڪري رهيون آهن

چڱڪا

اُتساهه سان راندِيون ٿيون. ڪٽندڙن کي واسواڻيءَ انعام ڏنا. پوءِ ست سنگ ٿيو جنهن ۾ ننڍيون وڏيون پيئرون شامل ٿيون. واسواڻيءَ ٻڌايو ته ”گلن جي اندر سونهن ڪيئن ٿي ٿئي؟ سج ڏي گل نهارين ٿا ۽ سج جا ڪرڻا پيئن ٿا ۽ سونهن وارا ٿين ٿا. سج جو سج آهي پرڀو ۽ پرڀوءَ جي سنگ ۾ ئي جيون جي سچي سونهن آهي.“

ٻئي هڪ اُپديش ۾، جو ٻه واسواڻيءَ راندين ڪانپوءِ شام جي ست سنگ ۾ ڏنو، هن ٻڌايو ته ”ڪئين نه هڪ پرسڌ ماڻهو سچ جي تلاش ۾ هڪ موچيءَ کان سکيا وٺي ٿو. موچي هڪ سچو سنت آهي. لکن ٿي پرڀوءَ جي سيوا ڪري ٿو، ۽ انهيءَ ماڻهوءَ کي سندس سوال جي جواب ۾ ٻڌائي ٿو ته مان روز روز هيءَ پرارٿنا ڪندو آهيان:- ”هي پرڀو! هن نگر تي آسيس ڪر ۽ ڏينن، دکين تي دَيا ڪر.“ واسواڻيءَ چيو ته ”انهيءَ سندر پرارٿنا جي اسان سڀني کي هن وقت ضرورت آهي.“

Printed and Published by Tahilram Lokumal Punwani,
at the
National (Electric) Printing Works, Hyderabad Sind.

Reg.No.S.389.

گوتم، سونهن وارو



دیا جو دیپڪ، سنت گوتم

واسواڻي

واسواڻيءَ جا نوان پستڪ

ڇاپخاني مان جلد نڪرندا

(۱)

آتم گيتا

[ڦهريون پاڳو]

ڇهه آنا

هن پستڪ ۾ واسواڻيءَ جون پيار ڀريون تنائون ڇپيل آهن
ڪاغذ ۽ ڇاپو سندر.

(۲)

شري سڪمني صاحب

[ڦهريون پاڳو]

هن سندر پستڪ ۾ واسواڻي شري سڪمني صاحب
جي هرهڪ تڪ جو اَرٿ وستار ۾ ڪري ٿو ۽ گروج
جون تصويرون به هن پستڪ ۾ ڏنل آهن. ڪاغذ
ڇاپو سندر.

هنن ٻنهي پستڪن لاءِ گهڻي گهر اڳيئي ٿي ره
آهي. تنهنڪري جن کي هي پستڪ کپن سي يڪ
"سنت مالا" آفيس- هيرآباد، حيدرآباد ۾ نالا رج
ڪرائين. جن کي ٽپال رستي کپن سي مهربانيڪر
ٽپال جو خرچ به موڪلين.

مئنيجر "سنت مالا" آفي
هيرآباد، حيدرآباد سند.

پرستاونا

سنت مالا" جو ٻيو سال شروع ٿئي ٿو ۽ هن ڀيري
مان کي ويچار سنت گوتم جي جيون چرتر ۽
مت سنت سنگين جي چرنن ۾ پيش رکان ٿو.
۽ جي ڏينهن گوتم ٻڌ جو جنم اُتسو حيدرآباد ۾
ان ملهايو ويو. جدا جدا هنڌن تي ميٽنگون ٿيون ۽
۽ پوڙ موقعي تي مون جدا جدا هنڌن جيڪي
نجو تات پرج هنن صفحن ۾ ڏنل آهي. گوتم ٻڌ
يتر و گهڻو لکجي اوترو ٿورو. اُميد اٿم ته گوتم ٻڌ
ڪ وڏو پستڪ جو مان لکان وينو، جلد تيار
پريس ۾ موڪليندس. هن ڀيري اُنڪ ۾ فقط ٿورو
ڪريان ٿو.

هاس ۾ هن مهاپرش جو اثر عجيب ٿيو آهي، ۽ اهو
زماني ۾ به وڌندو وڃي ٿو. يونان ۽ روم جي
۽ فيلسوفن تي گوتم ٻڌ جي سکيا جو گهڻو اثر
ر ستاني سکيا تي به گوتم جو اثر ٿيو. گوتم جي
ڪنهن وقت به ڪرستانن وانگر، ڌرم جي نالي ۾
ي نه ستايو. گوتم جي سکيا جو مول منتر هو
". اڍائي هزار ورهيه اڳي گوتم اها سکيا ڏني ۽
سکيا جي هن سڌريل سمي ۾ به ڪيڏي نه

سمرپڻ

پنهنجي پياري پوڄيه دادا
سرڳواسي مسٽر پهلاجراءِ ليلارام واسواڻيءَ
جي چرنن ۾ هي پريم پشپ
ارپڻ رکان ٿو، ۽ سندس آتما جي آسيس،
مان منگتو، منگان ٿو-

واسواڻي

وشيه سوچي

* شيوا جو اوتار

ڌ گوتم جي جيون هڪ وچتر ليلا آهي. ڇو ن
پستڪ، ڪيترن ئي ملڪن جا پڙهيا آهن-
آمريڪا، فرانس، جرمني، اٽالي، ترڪي،
چين ملڪن جا ڪيترا ڪتاب پڙهيا اٿم، ڪيترا
ڪيترا ناٽڪ- پر اهڙو ناٽڪ، اهڙو کيل ڪونه
ر جو سنت گوتم جي جيون جهڙو دل ڇهائيندڙ
وتم جي جيون چرتر ۾ گهٽيون پردا آهن؛ هڪ
کهڙي نه سونهن آهي!
سالن جي تلاش ۽ تپشيا ڪانپوءِ گوتم کي گيان
گوتم وڻ هيٺ ويٺو آهي. اُهو وڻ مان ڏسي
ن. انهيءَ وڻ هيٺ ڪيس درشن اچي ٿو؛ درشن
ڻ کي چوي ٿو:- "مونکي گيان مليو آهي؛ وچين
ماڻهن کي ٻڌايان. ڏکي آهن؛ مها ڏکي- جيڪو
ڄ جو رستو ٻڌايان ته سگهي ٿين." پوءِ اندر شڪ
ٿو ۽ پاڻکي چوي ٿو:- "پر سچ سمجهندا؟ ماڻهو
هن؛ اوديا ۾ اٽڪيل آهن؛ ڪوڙ مان ڪين مزو

* برهمو مندر ۾ آرتوار جي اُپديش مان ورتل.

ضرورت آهي! گوتم اها سکيا گنگا ڪناري تي ڏ
انهيءَ سکيا ۾ هن زماني جي سڌاري جو بنياد آهي
گوتم جي جيون ۾ ڪيڏي نه سونهن هئي! انه
سونهن ايشيا جي آرٽ (Art) کي سندر ڪيو، ۽ يور
جي جدا جدا ملڪن ۾ گوتم جي مورتن ۽ تصويرون
نارين کي موهت ڪيو. گوتم جي جيون چرتر ڪيت
دلين کي نه ڇڪي ورتو! اڄا به هن مهاپرش جي
جيون ۽ سکيا ڪيترن کي پيئي ڇڪي!

بهار جي منڊ ۾ گوتم جو جنم ٿيو. انهيءَ وقت ڪپل
جي باغن ۾ هئي گلن جي گلزاري، ۽ هوا ۾ هئي هڪ عجي
سڳنڌي. گوتم جي جيون ۽ سکيا جي سڳنڌ به ه
نئين بهار آندي، ۽ ملڪ ملڪ ۾ هڪ نئين خوشي پ
ڪئي. سندس سکيا ۾ هي سندر من موهيندڙ راڳ ه
”جاڳو! جاڳو! دک درد سڀ مٽايو! سک ڏامر ڏي هلو
چنڊ پئي چمڪيو جڏهن گوتم جو جنم ٿيو. شل گوتم ج
سندر جيون ۽ سکيا جو چنڊ چمڪندو رهي! گوتم
ساڌن ڪيا جنهنڪري سندس جيون ۾ گيان جي جو
جاڳي:- (١) ڌيان يوگ ۽ (٢) غريبن جي شيوا.. ڌيان
شيوا، پرارٿنا ۽ پريم، انهن ۾ آهي جيون جو اڌار.
گوتم جي آسيس سڀني سمت سنگين تي ٿئي!

واسواڻ

ن، تہ ٻهرين سر جو سؤد و ڪن. سي سپاڳا جي
ڪپائين. جي سور سخنيون سهڻ لاءِ تون تيار
آهين، تہ پيو تہ ڀاءَ هن ٻر ۾. گوتم! گوتم پيارو!
ونهن وارو، جو سوني پلنگ تي تي سمهيو سو اڄ
تي، پٿرن تي سمهي ٿو. ڀوءِ ڪهڙو عجب تہ اڄ
گيان ڪروڙين سر جهڪائين ٿا؟ تپسيا، تپسيا آهہ
جي ٻرندڙ جوت!

وتم جي هڪ تصوير هيٺ هي اکر لکيل آهن:-
ءِ جي ڪرپا" (Mercy of God) - بيشڪ گوتم ٻڌ،
جي ڪرپا جي تصوير هو. گوتم جو جنم جنهن
۾ ٿيو اُنهيءَ زماني ۾ ڀارت اندر ڪيترا نہ پرم هئا!
گگدام جانور، تن جو ڌرم جي نالي ۾ ڪوس
هو. ٻڌ ڀوءِ جي ڪيڏي نہ ڪرپا جو انهيءَ زماني
۾ آيو ۽ اچي ٻلدان بند ڪرايائين، ۽ ويچارن جانورن
ڇايائين، ۽ ڀارت نواسين کي وري پراچين رشين جي
، اهنسا جي راهہ ۾ هلايائين!

گوتم بابت هڪ سنڌر ڳالهہ آهہ؛ انهيءَ ڳالهہ ۾
ي معنيٰ آهہ. هڪ ڏينهن گوتم ڇا ٿو ڏسي؟ پاڻ
رگ جي دروازي تي ڏسي ٿو. اُتي هڪ ديوتا
چويس ٿو:- "گوتم! توکي گيان مليو آهہ، مان
ي نوڪريءَ ۾ حاضر آهيان، تو لاءِ دروازو کليل آهہ،
وڃ ۽ وڃين سرڳ ۾ سکہ ماڻ!"

اچي ٿو ۽ گيان وٺڻ لاء تيار آهن؟". بيشڪ ماڻهو ور
وري ڪري پون ٿا. پرڀوء جا پيارا وقت به وقت اچ
ٿا، اچي اسانکي سمجهائين ٿا ۽ اسان لاء پاڻکي د
ڪن ٿا ۽ پر اسين کين تڪليفون ڏيون، مٿن مشڪلا
اُڇلايون ۽ هو سڀ سهن ۽ گلا به ـ مٿا گُل ڪري و
وري وري اسانکي بچائڻ جي ڪوشش ڪن - ۽ ڪ
ويچار ڪانپوء گوتم به پاڻ کي چوي ٿو:- "جي ما
مونکي تڪليف ڏين ته به پرواه ڪانهي. منهنجو فر
آهه ته مان کين سچ ٻڌايان. ماڻهو ٻڌن يا نه. منهن
ڪم آهه ته مان سچ جي ساکي ڏيان. من ڪ
سمجهن. دنيا دکي آهه - من کي سکي ٿين!" هـ
سندس دل اندر اُميد جو تارو چمڪي ٿو. اراده ڪر
ٿو ته مان شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ، ديس ديسانتر ويندس
وچين پرچار ڪندس ۽ لوڪن کي سک جو ر
ڏيکاريندس. وڻ هيٺ آهي. هنئر اُٿي ٿو. پنڌ ڪر
ٿو. ۴۰ سالن جي عمر ۾ کيس گيان آيو آهه، ۽ تنهنک
پوء ۴۰ سال پرچار ڪري ٿو، ۸۰ ورهين جي عمر ۾
چولو ڇڏي ٿو. چاليهه سال پاڻ کي پتوڙي ٿو. پنڌ
پرچار تي نڪري ٿو. ڪيترا دفعا تڪجي پوي ٿ
ڪيترا دفعا اُڃون بکون سهي ٿو. ننگا پير، ڪپڙا مي
مٽيون وچنس چڙهنديون - پرڀوء جا پيارا جڏهن ميد

* وديا جو تارو

وتم ڌيان ۾ وهي تو، ٻوڌي وڻ (Wisdom-Tree)
ڌيان ۾ وهي تو. ست هفتا گذري ويا تا. پوءِ
؛ چوي تو:- ”هاڻي وقت آيو آهي ته مان وڃي
کي دک جي دوا ڏيان!“- وڃڻ کان اڳي انهيءَ
نمسڪار ڪري تو، اهو گيان جو وڻ، ٻوڌي
سياڻو آهي، انهيءَ وڻ هيٺ گوتم کي گيان مليو،
ڻ الهاس ۾ امر آهي.

ان جڏهن ٻڌ گيا ويس تڏهن مون انهيءَ وڻ جو
ڪيو ۽ مون ڏٺو ته ڪيئن نه انهيءَ وڻ جي
لاءِ ڪتان ڪتان ماڻهو آيل هئا. نيپال جي هڪ
؛ راڻو ڏٺم جن کي ايڏي عزت هئي جو وڏي
ڻ اڳيان شرڌا ۽ پريم سان پٺي سر جهڪايائون.
وف ڪٺي نهاريان ته ڇا ڏسان؟ چين ولايت مان
تيرت واسي آيا هئا. انهيءَ وڻ جو درشن ڪرڻ
ن مان ڪي ماڻهو آيا هئا، مالهائون پٺي ڦيريائون.

---

* گوتم جي جنم اُتسوُ جي ڏينهن ”سکي ست سنگ“
اُپديش ڏنم تنهن مان نڪتل.

گوتم چوي ٿو: ”ديوتا! مونکي سرڳ ڪونه کپي!
ديوتا: ”تڏهن توکي ڇا کپي!
گوتم:- ”مان چاهيان ٿو ته سورڳ جي دروازي وٽ
بيٺو هجان.“
ديوتا: ڪيترو وقت بيهڻ ٿو چاهين؟“
گوتم: ”جيستائين هڪ به پراڻي سرڳ اندر نه ٿو اچي
سگهي، تيستائين مان به دروازي جي ٻاهر بيٺو هوندس.
ديوتا: ”ڇو؟ سرڳ جو سک ڇو نه اچي ماڻين؟
گوتم: ”سورڳ کان بهتر آهه شيوا.

ڪهڙي نه سندر سکيا! مان چوندو آهيان ته
Service is superior to salvation ؛ مُڪتيءَ کان بـ
بهتر شيوا آهه. گوتم ٻڌ هو شيوا جو اوتار. شل سندس
سکيا هردي ۾ هنڊايون! شل سچا نماڻا شيوڪ ٿيون!
شيوا جي ميدان ۾ بيشڪ اسانجا هٿ ميرا ٿيندا. هٿ
ميرا ۽ چولا ميرا ۽ سور سختيون! اهو آهه انعام انهن لاءِ جي
اچن ٿا شيوا جي ميدان ۾. اهي سڀاڳا! سڀاڳا! مُڪتي ڪٿ
ملي؟ پستڪ پڙهيا ڪيترن ۽ ٻر ڪري پيا. شاسترن ج
پاٺ ڪيا ڪيترن ۽ ٻر چاڙهي مور نه چڙهيا. مالاهو
ڦيري ڦيري منجهي پيا ۽ تيرٿ ڪري ڪري ٿڪ
پيا. مُڪتيءَ جو دروازو اٿو شيوا ۽ شيوا جو در کوليو
پريتم جو درشن پايو!

ته ودیا ڪانهي؛ اها ودیا آهي. گوتم ڪهڙو
آدرش اسانجي اڳيان رکي ٿو! وڌيڪ وڌيڪ
؛ پر نمرتا نه ڇڏيو! سادگي نه ڇڏيو! ودیا جي
هي نمرتا.

وقت هڪ وڏو ودوان آهي جنهنجو نالو آهي
(Einsten)؛ هي ماڻهو سائنس ۾ (science) پرسڌ
ڪ يا ڇا آهي؟ انهيءَ جو جواب هن ساڳيو اهو ڏنو
ڏنو:- ”ودیا معني نمرتا.“ هي ودوان پنهنجي
هڙو ته مشغول آهي جو اڪثر ايترو وقت ڪونه
بين سان ڳالهائي؛ پر مسڪينن لاءِ محبت اٿس
ي ڪيس ملن سي چوندا آهن ته:- ”ڪيڏي نه
ن انسان ڪي آهي!“- جيئن وڌيڪ نمرتا سان
هائي تيئن وڌيڪ پيو وڻي.

ن ودیا ۾ نمرتا ۽ سادگي آهي اهائي سچي
ي. جتي گهمنڊ آهي اُتي سچي ودیا ڪانهي. شل
جو تارو (star of wisdom) وڌيڪ وڌيڪ
پر اهو تارو تڏهن چمڪندو جڏهن اسان ۾
سادگيءَ جي روشني ايندي. شل اهو تارو
ته حيدرآباد جو نگر سڀاڳ ٿئي، آباد ٿئي، ۽
انڪ جنم سڦل ٿئي!

وري ڏنم ته ڪن ماڻهن وڏن ديڳن ۾ چاهيون پٺي
ناهيون. پڇم ۽ پوءِ خبر پيم ته تبيٽ مان لاما آيا آهن
جن کي چاهه پيئڻ جي عادت آهي؛ وري وري چاهه
پيئن. اهي لاما بڌ ڌرم جا ٻاوا آهن. مان وڃي انهن
لامن کي گڏيس؛ تن مان هڪ لاما هو جنهن بابت خبر
پيم ته انهيءَ ماڻهوءَ ڪيترن سالن جي مون، سانس، ڪانپو
وات کوليو آهي. اهو ماڻهو به انهيءَ ٻوڍي وڻ جي
درشن ڪرڻ لاءِ آيو هو.

انهيءَ وڻ جي آسپاس وني گوتم اڳتي هلي ٿو
چوي ٿو:- "مان هينئر وڃي دنيا ۾ پرچار ڪندس
ست سنگ هلائيندس"- رستي تي هڪ برهمڻ ڪيس ڏسي
ٿو؛ اُن جو نالو آهي اُپڪم؛ هي برهمڻ ودوان آهي
مغرور آهي. وري هي برهمڻ اوم جو اُچارڻ پي
ڪري ۽ دل اندر پنهنجي وديا جو گهمنڊ اٿس.

برهمڻ ڏسي ٿو ته گوتم کي ته منهن ۾ ڏاڍي سونهن
آهي؛ سڌ ڪري گوتم کي چوي ٿو:- "اڙي هيڏانهن
ته اچ! ٻڌاءِ ته سهڻن ته سچو ودوان ڪير آهي؟"

ڏسو! گوتم ڪيس ڪهڙو نه سندر جواب ڏئي ٿو
گوتم چوي ٿو:- "سچو ودوان اُهو آهي جنهن جي دل
نرڙت آهي."

ڪي ماڻهو ٿوري وديا وٺي اُپ ۾ ٿوار يو

ت گوتم کي ٻڌي ڏک ٿيو. گوتم انهيءَ ٻڪريءَ
پنهنجن ڪلهن تي چاڙهي ٿو! کهڙو نه سندر
سنت گوتم پئسي پدارٿ کي لت هڻئين. کيس
نه ودیا هئي! ڪيڏي نه سونهن هئي هن جي
ڪ ۾! اهڙو سنت، گوتم ٻڪريءَ کي چاڙهيو
ڪلهن تي، ۽ ماڻهوءَ کي چوي ٿو:- "وٺي هل
ڻکي انهيءَ هنڌ جتي راجا جو يگيه ٿيڻو آهي؛
ري پل منهنجن ڪلهن تي هجي."

ن ماتا پنهنجي ٻالڪ کي پيار ڪري، تئين گوتم
يءَ کي پيار سان پنهنجن ڪلهن تي چاڙهي راجا
ٿو اچي. راجا ترسيو وينو آهي ته ٻڪري اچي
قل ٿئي. برهمڻ به وينا آهن، پستڪن جو پاٺ
گوتم اچي سهڙيو آهي. راجا کي گوتم چوي ٿو:-

- هي راجن! اوهانکي ڇا کپي؟
ا- اسين ٻڪريءَ لاءِ ترسيا وينا آهيون.
م- ٻڪريءَ کي ڪلهن تي چاڙهي آيو آهيان.
يگيه لاءِ قرباني کپي؟
ا- ها؛ قرباني کپي؛ ٻڪريءَ کي ڇڏيو ته کيس
قربان ڪريون.
م- ٻڪريءَ کي ڪونه ڇڏيندس. مان تيار
مونکي قربان ڪريو. ٻڪري مان ڪونه ڏيندس.

* جيو ديا

اڄ ويساکيءَ جي سڀاڳي ڏينهن، پورنما جي سنـ
سمي، هن اسانجي پياري ڀارت ۾ گوتم جو جنم ٿيو؛ ه
مها پرش لاءِ هندستان ۾ ۽ ايشيا ۾ ۽ ولايت ۾ ڪرو
کي عزت آهي.

گوتم جي هڪ مکيہ سکيا هيءَ هئي ته ڪنهن کـ
ٻہ دک نہ ڏيو؛ غريبن ۽ مسڪين جي شيوا ڪريو!
اهو ڪافي ڪونهي؛ پسن ۽ پکين کي ٻه دک نہ ڏ

هي گوتم محل ڇڏي، تخت ڇڏي، دنيا جو م
ملڪيت ڇڏي، فقير ٿيو، ماڻهن ۽ جانورن جي شـ
ڪرڻ واسطي. هڪ ڏينهن گوتم ڏسي ٿو ته رستي
هڪ ماڻهو آهي جو ٻڪريءَ کي زوريءَ گهلي پيو وڃي
انهيءَ ماڻهوءَ کان گوتم پڇي ٿو:-

گوتم- پيارا! هن ٻڪريءَ کي گهلي وٺي وڃين ٿ
ڇا جي واسطي؟

ماڻهو- اسانجي راجا کي يگيہ ڪرڻو آهي. انهي
لاءِ مان هن ٻڪريءَ کي وٺي وڃان ٿو. جڏهن هي
ٻڪري قربان ٿيندي تڏهن يگيہ سڦل ٿيندو.

* ويساکيءَ جي اپديش مان نڪتل.

* ٻيڙيءَ وارا! موں ٻيڙيءَ چاڙهه!

ـنت گوتم جي سندر جيون چرتر مان هڪ ڳالهه
ي آيو آهيان. هي گوتم پنهنجو راڄ ڇڏي وڃي
سال وڃي تپسيا ڪري ٿو ۽ تنهن کان پوءِ هڪ
ـيت وهي ٿو، جتي کيس گيان اچي ٿو. پوءِ گوتم
چوي ٿو ته "ماڻهو ويچارا دکي آهن؛ هاڻ وينديس،
کين سک جو رستو ڏيکاريندس." کيس پڻسي جي
ـانهي؛ پنهنجو پدارٿ ڇڏيو اٿس. کيس فقط هڪڙو
ـيال آهه ته سڀ ماڻهو سکي ٿين! سڀ سندن دک
ـين! هاڻ جهنگل مان لنگهي ٿو؛ اهو جهنگل اچان
ڏسي سگهو ٿا. ڪڏهن مونکي ويچار ٿيندو آهه
راڄا جو ٻالڪ هن ڀيانڪ جهنگل مان ڪئن
؟ ڪنڊا ۽ پٿر هن جي ڪومل پيرن ڪئن سٺا؟
ـم کي ڪجهه به پرواهه نه آهه، چوي ٿو ته منهنجو
فقط هڪ ڪم آهي ته ٻين جو دک دور ٿئي.

---

* گوتم ٻڌ جي جنم اتسو جي اپديس مان نڪتل.

گوتم، سُونهن وارو

گوتم جا اهي اکر ٻڌي راجا گوتم ڏانهن عجب
نهاري ٿو ۽ دل ۾ چوي ٿو:- ”هي ڪهڙو عجيب ا
آهي جو ٻڪريءَ جي بدلي پاڻ کي قربان ڪرڻ
چاهي! هن جي ڪمل مک ۾ سونهن آهي؛ هي آ
ڪير؟“ راجا پڇي ٿو گوتم کان:-

راجا- پيارا! تون ڪير آهين؟ تنهنجو نالو ڇا؟

ٻه ڀيرا اهو سوال پڇيس ٿو پر گوتم سانت ۾ رهي
نيٺ ٽيون دفعو پڇيس ٿو

راجا- پيارا! تنهنجو نالو ڇا آهي؟

گوتم- منهنجو نالو گوتم ٻڌ!

راجا- توهين پرسڌ سنت گوتم ٻڌ آهيو؟ (راجا
جهڪائي ٿو) سائين! مان توهانجو اڄ کان وٺي ش
آهيان! مونکي توهين ڀلائي ڪري سکيا ڏيو!

گوتم- پيارا! جي تون منهنجو سچو ستسنگي ٿيڻ
چاهين ته جانورن جو بلدان پنهنجي راڄ ۾ بند ڪر
حڪم ڦيراءِ ته هتي ڪنهن به جانور جو ڪوس نه ٿي

راجا ائين ڪري ٿو ۽ گوتم جو پڪو شش ٿئي

پسون ۽ پکي ٻه پويءَ جيون موڙتون آهن. سن
رکيا ڪريو! ماس آهار کان پري رهو! جنهن کي
ديا ڪانهي، تنهن جي آتم شڪتي ڪٿان کلندي؟

ٻيڙيءَ وارا! مون ٻيڙيءَ چاڙهه!

ينهن گوتم جي سا کہ اهو ٻيڙيءَ وارو ٻڌي ٿو تہ
لکہ هزارين گوتم سنت جي اڳيان سر جهڪائين
ن ٻيڙيءَ وارو چوي ٿو تہ:- ”اڙي! مان نيا ڳو، نيا ڳو؛
نت مونوت آيو؛ مونکي چيائين تہ ٻيڙي وارا
ي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهه. مون ٻسو گهريو. مون سنت
ڪليف ۾ وڌو. شل مونکي معافي ملي!“ اوهان
يون ۾ آهي هڪ ٻيڙي. انهيءَ ٻيڙيءَ ۾، جيون
ڙيءَ ۾، گوتم کي چاڙهيو! گيمت تيا تہ چا ٿيو؟
جي سکيا نہ فقط ٻڌو، پر اڀياس ڪريو.
ي پنهنجي جيون ۾ جڳهہ ڏيو. سنت گوتم کي
چو پاڻ وٽ؛ ڪيس پنهنجي جيون جي ٻيڙيءَ ۾
و. اڄوڪي ڏينهن گوتم هڪ کي چوي ٿو:-
يءَ وارا! پنهنجي زندگيءَ جي ٻيڙيءَ ۾ مونکي
“ اڄوڪي پوتر ڏينهن سنت گوتم اچي ٿو هٿين
چوي ٿو تہ ”ٻيڙيءَ وارا مونکي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهه.“
تي جو اُن ٻيڙي واري وانگر اوهين پوءِ پڇتايو.
چوي ٿو تہ ”منهنجي سکيا پنهنجي جيون ۾ رکو!“
يءَ وارا! مونکي ٻيڙيءَ چاڙهه!“

گوتمر سُونهن وارو

جهنگل جهاڳي ٻاهر اچي ٿو، هڪ ندي آهي، ڏسي
ٿو ته ٻيڙي بيٺي آهي. ٻيڙيءَ ۾ آهي هڪ ماڻهو
ٻيڙيءَ وارو پيو نهاري. عجب لڳيس ٿو ته
هن ماڻهوءَ جي منهن ۾ هيڏي سونهن آهي، هيءَ سونهن
وارو ڪير؟ گوتم چوي ٿو "ٻيڙيءَ وارا! مونکي ٻيڙيءَ
۾ چاڙهه!" - گوتم کي وڻو آهي ٻيءَ پر. پر ٻيڙيءَ وارو
نيا ڳيو. ڏسي به ٿو ته هن گوتم جي منهن ۾ هيڏي
سونهن آهي، پر گوتم کي چوي ٿو ته "پئسو ڏي ته توکي
چاڙهيان" - گوتم چويس ٿو ته "مون وٽ پئسو ڪون
اٿيئي! آهيان هٿين خالي! ٻيڙي وارا مونکي ٻيڙيءَ
چاڙهه!" - پر ٻيڙيءَ وارو چويس ٿو ته "موٽي وڃ! موٽي
وڃ!" - ڪيترا سال گذري وڃن ٿا ته هي گوتم مشهور
ٿئي ٿو. گوتم جي سکيا ماڻهن کا يڪدم ڪانه ورتي.
شروعات ۾ پريوءَ جي پيارن کي تڪليفون ٿين ٿيون.
ڪيترن کي ايمان ٿيو ته هي ڪير آهه؟ ڌرم جي لباس
۾ ٿي ڪيترا گوتم جي نندا ڪن ٿا ۽ چارتا چڙين ٿا
ماڻهن کي وڃي مُنجهائين، ماڻهن کي چون ٿا ته
"هي پاکنڊي آهي!" - سنتن جا نندڪ به ٿين ٿا
گرو ارجن ديو جي ڪٺن نه مسلمانن ۽ هندن نندا ڪئي
سر ڪپائڻ ته سچن شيوڪن جو اصل کان انجام آهه. ڪر
سالن کان پوءِ ماڻهو سمجهن ٿا ته گوتم سچو سنت آهي

ولايت ۾ ڪيترا ڪروڙ آهن جن جي دلين اندر
وڏي عزت ۽ شرڌا آهي.

مها پرش جي يادگيري جدا جدا نالن ۾ ٿي
:-

سنڌس هڪ نالو آهي گوتم. اهو سنڌر نالو هندن
پراچين رشيءَ جو به آهي.

سنڌس ٻيو نالو آهي "ٻڌ". "ٻڌ" معنيٰ اهو
ٻڌيءَ جو چڪر کليو آهي. اسانکي وديا آهي پر
پستڪن جي وديا، من جي چڪر جي آهي؛
من تکا آهن؛ پر گيان ڪٿي؟ گيان آهي اندر جو،
جڏهين اندر جو گيان ملي ٿو، تڏهين سنڌس
ڪر کلي ٿو؛ تڏهين مٿس "ٻڌ" نالو پوي ٿو.

سنڌس ٽيون نالو آهي "سڌارٿ"؛ "سڌارٿ"
جنهن جو مطلب سڌ، پورو ٿيو! اسين سڀ
يون. پر ڏسو! ڪٿي نه هليا وڃون ٿا؛ مطلب
ٿئي. دنيا مان، روئندا، رڙندا هليا وڃون
پنهنجي زندگي ۾ آتم کي پرڪاش ڪيو آهي، جنهن
ن ۾ جوت جاڳي آهي، انهيءَ ئي حياتيءَ جو
ب حاصل ڪيو آهي. اهو آهي "سڌارٿ".

سنڌس چوٿون نالو آهي "ٿٿاگت". انهيءَ اکر
چا آهي؟ ڪي ماڻهو چوندا آهن ته گوتم

* اٺ ڏاڪا

اڄوڪي ڏينھن تي آسيس آھي. گوتم ٻڌ جو جنم ڏينھن اتھاس ۾ امر آھي. چين ۽ جپان، سيام ۽ ڪن ٻين ملڪن ۾ اڄوڪو ڏينھن گلن جو ڏينھن آھي. اڄوڪي ڏينھن انھن ملڪن ۾ وڏا سرگس نڪرندا آھن ۽ سرگس ۾ ھڪ ماڻھوءَ جي ھٿن ۾ گل، پشپ ھوندا آھن جي سنت گوتم تي وجھي چاڙھيندا آھن؛ اڄوڪي ڏينھن انھن ملڪن ۾ گھر گھر نيون ٻتيون ٻاريندا آھن، گھر گھر نئين روشني.

گوتم جي جيون چرتر ھڪ چتر شالا آھي؛ ھڪ Picture-gallery، جنھن ۾ گھڻيون تصويرون آھن. تنھن ھڪ ٻه اوھانجي چرنن ۾ اڄ رکڻ ٿو چاھيان. ھن وقت دنيا ۾ پنجاھه ڪروڙ ماڻھو آھن جي پاڻ کي گوتم جا شش سڏائين ٿا؛ تنھنڪان سواءِ ھندستان ۾ ٢٠ ڪروڙ

---

* گوتم جنم اتسو ميٽنگ جا برھمو مندر ۾ ٿي انھيءَ ميٽنگ تي جا مون تقرير ڪئي تنھنجو تاس پرچ ھت ڏنل آھي.

گوتم پاڻ کان سوال ٿو پڇي تہ ”اهو ڪٿان ٿيو؟“
شاني هيءَ آهہ تہ هڪ ساڌو ڏسي ٿو، هي سچو
ہ، نہ لباسي، سندس منهن ۾ روشني آهہ، ۽
ي پڇي ٿو:- ”مڪہ ڌام ڪٿي؟“
ہ ڇا ٿو ٿئي؟

نما راتِ آهہ. آسمان ۾ چنڊ پيو چمڪي ڄڻ تہ
ڪاس جي راڻي آهہ. انهيءَ وقت گوتم محلات
ٿو، تلاش ۾ وڃي ٿو. ٦ سال ٻن ۾ ۽ پهاڙن تي
سريرکي سڪائي ٿو. پر جوت، روشني، تہ ڪيس
ملي. پوءِ اچي هڪ وڻ هيٺ وهي ٿو، انهيءَ
چوڻ ٿا ”ٻڌ وڻ“ (Bodhi-tree)، اهو وڻ آهہ
لي ۾ جنهن کي چون ٿا ”ٻوڌي ٻيلو“
(The Wood of W - وڻ هيٺ اچي وهي ٿو. هڪ
ي پوتر ڀاو سان کير جو لوٽو کڻي اچي ٿي، اهو
ر پئي ٿو. کير جو لوٽو هو ڇا؟ نہ! انهيءَ لوٽي ۾
. گوتم پريم جو لوٽو پئي ٿو. پريم پيئو! پريم مان
ي ٿو. گوتم ٦ سال تپسيا ڪئي. ڪئن نہ پاڻ
هيو! سريرکي سڪايائين، ڪيس گيان نہ مليو،
ن پريم جو کير پئي ٿو تڏهن ڪيس درشن ملي
ٿو ڏسي؟ روشني، جوت! جيستائين اندر ۾
آئي آهي، تيسيائين گيان نہ مليو آهہ. برهم گيان
جوت.

ناستڪ هو؛ جو سچ جو ساڪي سو ناستڪ ڪِئن ٿئي.
گوتم جي جيون ۾ سچ جي جوت پئي چمڪي.
گوتم پرڀوءَ کي ٻيا نالا ڏنا، انهن مان هڪ نالو آ
”تٿا“؛ معنيٰ ”هُوَ“ يعني ”مايا کان پري
(Transcendent Reality) - ”تٿا“ آهي ”پاربرهم“
”تٿاگت“ معنيٰ ”جو ويو هن ڏانهن“، جو پرڀوءَ جو
سنمک ٿيو. گوتم جي تلاش سڦل ٿي؛ گوتم گيان پاتو
گوتم نروت سان چيو ته ”مان انهيءَ پرم ست، گيا
جي سنمک آهيان؛ ۽ مون گيان پاتو آهي“.

گوتم جي جيون ۾ ڪِئن تبديلي آئي تنهنجي ه
کي خبر آهي. نيپال جي هڪ شهر ڪپل وستو نگر
سندس جنم ٿيو؛ سندس پتا هڪ ننڍو راجا هو؛ گو
راڄ ۽ تخت تياڳ ڪيو. محلات ڇڏي نڪتو تلاش ۾
تنهن کان اڳي ڪيس ڪي نشانيون اچن ٿيون ۽ ور
وري پاڻ کان پيو پڇي:- ”سک ڪٿي آ ڪٿي؟“ پهرين هڪ
ٻڍو ماڻهو ڏسي ٿو؛ ڏسي چوي ٿو:- ”تڏهين نيه
ماڻهوءَ کي انهيءَ اوستا ۾ اچڻو آهي؟ تڏهين جوڀن جوا
آهي ڇئن ڏينهن جو چنڊڪو؟“ - ٻي نشاني ڪيس هي
ملي ٿي ته هڪ ماڻهو بيمار آهي؛ دک ۾ بيزار آهي،
گوتم وري پڇي ٿو:- ”نرمل سک ڪٿي؟“- ٽين نشا
هيءَ ٿو ڏسي ته هڪ ماڻهوءَ کي ڪاٺي تي کڻي

(١) پـهـريـون ڏاڪـو آهـ، سـچـي سـمـجهـ، سمجهہ رکو! پرد وپري ڪريو! ڏسو (Right comprehe
پدارٿ سب استير آهن ؛ ڇٽن ڏينهن جو چٽڪو-
اري فاني آهہ . ڪجهہ بہ قائم ڪونہ آهہ . پوء ڇو
وڃايو ؟

(٢) ٻيو ڏاڪو آهي سچو ارادو (Rightresolution)
ڪانپوء ضروري آهـي تہ ارادو ڪريو. سچو
ارادي جـي طاقت (will-power) وڌايـو! پڪو
ڪريو! ٻڌڻ ڪافي ڪونهي. هڪ هڪ کي ارادو
ڪپي تہ ”مان اڀياس ڪندس، عمل ڪندس، نہ
ندس.“ سچو عامل اهو نہ جو فقط علم وٺي، پر اهو
ڪري، اڀياس ڪري.

(٣) ٽيون ڏاڪو آهي سچي ٻـاڻي (right speech)
وليو! سنڌي ڏايا مٺا! ڪهڙا ڪڏهن ٽيندا؟ لحاظ
و! سچ ڇٽو! پر اهنڪار سان نہ؛ گهمنڊ سان نہ؛
سان نہ؛ ڪنهن کي بہ ڏکائڻ جي ارادي سان نہ.
هايو پر نرمل ياڻ سان؛ سچي ٻاڻي آهي نرمل ٻاڻي
.(true and

(٤) چوٿون ڏاڪو آهي سچو ڪم (right action)؛
ڪم اهـو آهي جنهن ۾ ڪنهن سان بہ ويڙ وروڌ
، نہ ڪنهن لاء ڌڪار آهي. ڏسو! اسين ڪنهن

جڏهن گوتم کي گيان ملي ٿو تہ تڏهن ڏسي ٿو تہ د
جي دک جو ڪارڻ آهي ترشنا. ماڻهو ترشنا ۾ ڦٿڪ
رهيا آهن، تنهنڪري دکي آهن؛ مها دکي. ماڻهن ک
ترشنا ستائي رهي آهي. سک کپي تہ ترشنا ڇڏيو.

هاڻ گوتم اُٿي ٿو. چوي ٿو تہ "گيان جو موتي
آهي سو مان ٻين سان ونڊيندس." ڪاشيءِ ڏانهن وڃ
ٿو. هڪ برهمڻ کيس چوي ٿو:- "يار مسافر! خبر ڪر
وديا جون نشانيون ڪهڙيون آهن؟" - گوتم چوي ٿو
"وديا جون نشانيون آهن پوترتا ۽ نمرتا" ڪهڙو
سندر جواب! اسين پستڪ پڙهون ٿا، پر اسانجي ود
۾ پوترتا ڪٿي آهي ۽ نمرتا ڪٿي آهي؟ وديا آهي پوتر
۽ نمرتا. اهو سندر جواب برهمڻ جي دل ۾ گهري
وڃي ٿو. برهمڻ گوتم ڏي وري نهاري ٿو. هنکي
چوي ٿو تہ: "هيڏي سونهن توکي ڪٿان آئي؟ ۽ تو
ڪٿي ٿو وڃين؟" گوتم چوي ٿو: "ماڻهو دکي آهن
وڃان ٿو ڪاشي اُپديش ڏيڻ؛ منهنجو نالو آهي ٻڌ".

ڪاشيءِ ۾ اچي ٿو. فقط پنجن ماڻهن کي پهري
اُپديش ڏئي ٿو. اُهي پنج پيارا گوتم ٻڌ جي سکيا قبو
ڪن ٿا. گوتم جو اهو پهريون اُپديش آهي. سندس سک
سکيا جو سار انهيءَ پهرين اُپديش ۾ آهي. انهيءَ اُپديش
۾ گوتم ٻڌائي ٿو تہ سک ڌام کي پهچڻ لاءِ ٨ ڏاڪا آهن

ورن ماسيءَ جي رات گوتم جو جنم ٿيو. پورن ماسيءَ
ت وڻ هيٺ گوتم ليٽيو پيو هو، پاڻ تي سفيد
وجهي ٿو ۽ ديهي ڇڏڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو. پورن
جي رات پراڻ ڇڏي ٿو. سندس پيارو شش آنند
ٿو ته بس هاڻي گوتم بدن ڇڏڻ وارو آهي؛ تڏهين
روئي گوتم کي چوي ٿو:-

”سائين! اسان کي ڇڏي وڃو ٿا؛ وياڪل ڪري
ا؛ ويڳاڻان ڪري وڃو ٿا. پر هڪ ڪرپا ڪريو!
ٽان اڳ پيغام ڏيو!“- تڏهن گوتم پنهنجي پوتر سڪيا
اکرن ۾ ڏئي ٿو:- ”روشنيون ٿيو! ڏيئا ٿيو!
ٿيو! Be ye lights unto yourselves “شل اها سڪيا
جي دلين اندر وڃي! ڪٿي، ڪٿي پيا ٿا ڀٽڪو؟
تو دل ۾! اندر ۾ جهاتي پايو! دل جي مندر ۾
شني. اها روشني نه وسايو! نه وسايو! روشني
رکو! ۽ سچو سک حاصل ڪريو!

ماڻهوءَ کي پسند نہ ڪريون تہ ڪٿن نہ اُن تي ڳاڙين جـ
گُل پيا وسايون!

(٥) پنجون ڏاڪو آهي سچي ڪمائي (right living)
سچ جي ڪمائيءَ ڪانسواءِ اسين اڳتي وڌي نہ سگهنداسين
ڪوڙو ان، ڪوڙو من. جي سچ جو ان اسانجي پيٽ ۾ نہ آهي
تہ اسانجو من بہ ملين رهندو. سچ جي ڪمائي ڪائو!

(٦) ڇهون ڏاڪو آهي سچي ڪوشش (right effort)
اهو ڪافي ڪونهي تہ اوهين ڪو چڱو ڪم ڪرڻ ٽا
چاهيوءِ پر ڏسو تہ اوهانجي ڪوشش ۾ ڪنهن لاءِ بـ
ڌڪار ڪونهي. جي اوهانجي چڱي ڪم جي بر خلاف
ڪو آهي، تہ ان سان ڪنهن بہ قسم جو زد نہ رکو. چڱو
ڪم وڌايو، پر ڏسو تہ اوهانجي ڪوشش ۾ بہ سچ آهي،
نہ ڪنهن سان زد يا ڌڪار.

(٧) ستون ڏاڪو آهي سچو ڌيان (Right meditation)
دنيا جي ڌيان مان ڇاٿو ملي؟ ڏک، ڀوڳ، روڳ. سچو
ڌيان آهي سچ جو، ۽ انهيءَ اٽل حڪم (Law) جو، جـ
سڄيءَ سرشٽيءَ کي هڪ ڌاڳي ۾ ٻڌيو بيٺو آهي:-

”سگل سمگري تمري سوتر ڌاري.“

(٨) اٺون ڏاڪو آهي سچو سک (Right rapture)
اهو سچو سک ڀوڳ ۾ ڪونهي.

ڪ ڏينھن محلات ۾ ويٺو آھي، ھڪ ماڻھو وٽس
ٺو: ”ھي راڄن! توھين دلگير نہ ٿيو! توھانجي
ھن وقت سڀجو حڪمر نمي رھيو آھي، اوھان
گوتم سڀجو جڳہ تاريو آھي!“ وڏيڪ ھي ماڻھو
جوي ٿو: ”ھي راڄن! گوتم جو پٽو تہ ڪيس گيان
. ھينئر اسانجي نزديڪ آيو آھي ۽ ست سنگر
ئي، ماڻھو گوتم جي ڳالھ تان ٻلھار پيا وڃن!“
ودن جي اکين مان پاڻي اچي ٿو ۽ ھڪ پنھنجي
ي جو پٽو:- ”تون وڃ گوتم وٽ، ۽ سر جھڪائي
جي چئہ:- ھي گوتم! تنھنجو پتا تولاءِ پياسي
ينو تنھنجي وات نھاري ۽ جوئي ٿو تہ تون پين
شن ڏيئي انھن جو اڌار ڪرين پيو، پر تنھنجي
ڙو ڏوھہ ڪيو آھي جو انھيءَ کي درشن نٿو ڏين؟
درشن ڏيئي کيس نھال ڪر!“

ڻھو وڃيٿو، گوتم جي ست سنگر ۾ اچي وھيٿو.
؟ گوتم جو ست سنگر ھڪ جادو گھر آھہ، جيڪو
فعو اچي سو پڪڙجي وڃي. ھي ماڻھو ست سنگر
و تہ مٿس جادو لڳي ٿو، ۽ ھنڪان مھاراجا جون
وسري وڃن ٿيون. چويٿو: ”ھيڙو ست سنگر پيو

محلات ۾ *

گوتم جي ماتا، مايا ديوي، ته اڳيئي گذر ڪري ويئي هئي- سندس درشن گوتم ڪين ڪيو؛ پر گوتم جو پتا راجا سڌوڌن جيئرو آهي؛ پرڏ اوستا ۾ آهي. جنهن ڏينهن کان وٺي گوتم محلات ڇڏيو آهي، تنهن ڏينهن کان وٺي محلات ۾ دلگيري آهي؛ محلات ۾ خاص پر ٻگل دليون آهن! ڪهڙيون؟ هڪ دل سندس استريءَ جي جنهن جو نالو گوپا؛ گوپا محلات ۾ رهيئي پر ويڳاڻي؛ فقيرياڻي. انهيءَ گوپا بنسبت ڪي دل ڀڃائيندڙ ڳالهيون آهن جن جو ذڪر پئي موقعي تي ڪندس. ٻي ٻگل دل آهي سندس پتا جي. سڌوڌن جي استري ته هلي ويئي تنهنڪري باقي هنجي اميد هئي گوتم ۾، سو به هليو ويو، وڃي فقير ٿيو! راجا سڌوڌن وري ٻيو ٻاڪي چوي: "اڙي گوتم وڃي فقير ٿيو!"- مهاراجا کي آسون اُميدون هيون ته گوتم تخت تي وهندو، راڄ هلائيندو؛ پر گوتم وڃي فقير ٿيو! هنئر راجائي جو سڄو بار سڌوڌن مٿان آهي. محلات ۾ وهيٺو، ڪم ڪريٺو، پر سندس دل اندر ڪنبو لڳل آهه گوتم جي واسطي!

* "سکي ست سنگم" جي اپديش مان.

اھڙو جادو لڳو آھي جو اُھي تہ اتيئي ويھي رھيا
ٽ ھن داس کي توھانجي پتا موڪليو آھي تہ
سڻيھو توھان کي ماڻ پڌايان. پتا جي چوڻو:-
ڪنھن وقت ۾ ھليو وڃان، تنھنڪري مرڻ کان
ي مونکي پنھنجو درشن ڏي ۽ مونتي آسيس ڪر!"
ي اگر گوتم پڌي ٿو؛ گوتم جو ھردو ڪومل آھي؛
ڳين کي چوڻو: "ھينئر پتا جي وٽ ھلنداسين!"
وتم ھميشہ پنڌ ھلندو ھو. ھڪ سادو ڪرتو ڪندو
ٿ ۾ ڪرمنڊل کڻندو ھو؛ ماني لاءِ پنڻ ويندو ھو.
ڏيندو ھوس، ڪو گاريون ڏيئي ڪيڍندو ھوس،
وندو ھو 'آسيس'؛ ڪير ڏيندو ھوس تہ ان تي
ن ڪندو ھو.

ينئر بہ انھيءَ لباس ۾، ھٿ ۾ ڪرمنڊل کڻي،
ي ٿو. ھڪ قاصد ڊوڙي وڃي گوتم جي اچڻ جي
ا ۽ پين کي ڏي ٿو. سڀاڳو ڪپل! ھاڻ گوتم
سڄي شھر ۾ خبر پھچي ويئي آھي: "گوتم پيارو،
و راڄو، اچيٿو!" گھر گھر ۾ اھا خوشخبري اچي
ھي؛ گھر گھر ۾ سينگار ٿي ويو آھي؛ دڪانن
رو سندر ٿي ويو آھي. ڪيترن پارن، استرين

وري ڪٿي ملندو؟ تنهنڪري مان هتي ئي ويهي ٿو رهان.
نوڪريءَ کي مان ڇا ڪندس!". گوتم جو ست سنگي
ٿي اُتي ئي رهي ٿــو؛ موٽيئي ڪونہ ٿو. راجا سڌودن
ويچارو ويٺو نهاري، ويٺو نهاري. وري ٻيو ماڻهو موڪلي
ٿو، جنهنکي بہ هي ساڳيو پيغام ڏي ٿــو: "گوتم، ٻ
تنهنجي درشن ڪاڻ ترسيو ويٺو آهي." هي ٻيو ماڻ
گوتم جي ست سنگہ ۾ اچي ٿــو؛ انهيءَ جـي بہ ساڳي
حالت ٿئي ٿي. انهيءَ تي بہ رنگہ چڙهي وڃي ٿو! اهڙي
طرح راجا اُٺيهہ ماڻهو موڪلي ٿو، پر سڀني تي جادو لڳي
ٿو وڃي؛ سڀيئي ست سنگي ٿي اُتيئي ويهي رهن ٿا

راجا هارائي ٽيهون ماڻهو موڪلي ٿو جنهنکي چوي ٿو:
"مان سمجهي نٿو سگهان تہ اهي اُٺيهہ ماڻهو ڇو ويهي
رهيا آهن؛ شايد ڪين ست سنگہ منو لڳي ويو آهي. تون
هينئر وڃ؛ پر ڏسج تہ متان تون بہ موٽڻ کي اوني ۾ وهارين
وڃ گوتم وٽ، ۽ وڃي چوينس منهنجي پاران تہ "تنهنج
پتا ترسيو ويٺو آهي تنهنجي درشن ڪاڻ!"

هي ٽيهون ماڻهو گوتم وٽ اچي ٿو؛ سر جهڪائي
کيس چوي ٿو: "سائين! هن کان اڳي توهانکي توهان جي
پتا اُٺيهہ ماڻهو موڪليا آهن؛ پر انهن ٿي توهانجي ست سن

! کي چويئو:- ”پٽا! مان هيئنئر توهان وٽ موٽي
؛ پوءِ توهان جي اکين ۾ پاڻي ڇو آهي؟“
ڻا چويئو:- ”پيارا گوتم! تو ڇا ڪيو؟ جڏهين
لات ڏانهن آئين تڏهين توکي مون ڏٺو ۽ پڻ ۾
و!“ تڏهين گوتم پٽا کان پڇيو ٿو:- ”پٽا جي!
ڪيو جنهن ڪري توهان جي اکين ۾ پاڻي آهي؟“
تم جو هڪ نيم هو ته هو پنهنجو ڪاڌو پني کائيندو
ن ڏينهن محلات ڏانهن اچي ٿو، تنهن ڏينهن ۾
ي ڪاڌو پني کائي ٿو.

تم وانگر پريو ۾ اسان کان پنڌ اچي ٿو روز روز.
ڪ جي دل جي درتي اچي پئي ٿو. منهنجو
جنهنجا اگنت محلات آهن، اسانجي دلين جي
تي اچي پئي ٿو؛ چويئو ”محبت جي ماني
ستگروءَ جو پنڌارو اکت آهي ۽ تڏهين ۾ ڪيس
دلين جي پيار جي بکر آهي.

وتم ۾ هڪ دروازي تي اچي بکيا پني ٿو. انهيءَ
وتم جو پٽا دريءَ کان ويٺو نهاري. تڏهين راجا
- ”هيترا ماڻهو گوتم پنيان آهن، گوتم هتي بيٺو
؟“ تڏهين هڪ ماڻهو چويس ٿو:- ”سائين! گوتم

پشپ ويهي گڏ ڪيا آهن انهيءَ لاءِ تہ جڏهين گوتم هتا…
لنگهي تہ پشپن سان مٿس ورکا ڪريون. دل ۾ سڀ…
چون :- ”گوتم هينئر ڪيترن سالن کان پوءِ اچيتو…
هينئر ڏسون تہ سندس شڪل ڪهڙي آهہ؟“

هينئر گوتم اچي ڪپل وستو ۾ سهريو آهي؛ ماڻ…
پيا هن ڏانهن نهارين. ڪين عجب پيو لڳي تہ اڳي گو…
کي راجائي وستر ۾ ڏٺو سين ۽ هينئر تہ فقير آهي! هين…
ٻار گوتم کي وڏيڪ پيار ڪن ٿا. چون پيا: ”آج ه…
ڏٺيہ پاگيہ همري، آيہ ملي پران کي پياري!“ خوشي…
وڄان شرنايون وڄن ٿيون، طوطاريون وڄن ٿيون…
ٻنسريون وڄن ٿيون. هيءَ هڪ سٽ سڀني جي وا…
۾ آهي ”گوتم آيو! سونهن وارو گوتم موٽي آيو!…

ماڻهن جون دليون ٽپا ڏين ٿيون، دهل، شرنايو…
۽ ٻنسريون وڄن ٿيون، مٿس گلن جي ورکا ٿئي ٿي…

گوتم سونهن وارو، نيڻهن وارو، گوتم جنهن جي جيو…
نرمل آهي، گوتم سڀاڳو هينئر محلات ۾ آيو آهي. گو…
راجا سڌودن کي سالن کان پوءِ نهاري ٿو؛ ڏسي ٿو…
راجا جهور ٿي ويو آهي ۽ سندس اکين ۾ پاڻي آ…

وتم پتا کي خاص اُپديش ڏي ٿو. اُنجو تات پرج
تہ ”سائين! مَن جي شانت ڪجي تہ مَن کي
ڙو!“

يسين اسانجو مَن ملين آهي، تيسين اسانکي سچو
ونہ ملندو. گوتم جي اُپديش ۾ کھڙو نہ جادو
پديش ڏيئي اٿي ٿو تہ سندس پتا وري گوتم جي
سر جھڪائي ٿو، ۽ ہٿ کي جوڙي ٿو: ”مونکي
ي ست سنگ ۾ داخل ڪريو!“- گوتم جي سنگ ۾
ودن پنھنجو جنم سڦل ڪري ٿو.

ماڻي ٻڌي ٿو!" اها ڳالهه ٻڌي راجا سڌودن کي ڏاڍو دک
ٿيو. گوتم پتا جي اکين ۾ ڳوڙها ڏسي انهن
جو سبب پڇي ٿو؛ تڏهين پتا چويس ٿو:- "پيارا تو
ڪيو؟ اسانجي راجائي ڪل جو تو شان ڪونه رکيو!"
تڏهين ڏسو ڪهڙو نه سندر جواب گوتم ڏئي ٿو.

گوتم:- "پوجيه پتا! اوهان جيڪا ڳالهه ڪئي سا
سچي آهي. ڪل جو شان رکڻ کپي؛ پر منهنجو
ڪل ته هينئر ٻيو آهي، تنهن ڪل جو ته شان مون
رکيو آهي.

پتا- "پيارا! سو وري ڪيئن؟

گوتم- "توهانجو راجائي شان آهي ته نه پنهنجي. هينئر
منهنجو ڪل ٻيو آهي، اهو ڪل آهي فقيريءَ جو. فقير
جي ڪل ۾ ته پنڻ شانائتو آهي. تنهنڪري مون پنهنجو
شان رکيو آهي. منهنجو شان انهيءَ ۾ آهي ته مان نئين
ٿيان، نمرتا سان سڀني اڳيان سر جهڪايان!

گوتم جو پتا سندس اڳيان سر جهڪائي ٿو، ۽ چوي
ٿو:- "مونکي سکيا ڏيو! مان دکي آهيان! ڳڻتين ۾ جهو
ٿي ويو آهيان؛ ڪڏهين به جم جو قاصد وٺي وڃيم؛ تنهنڪري
مونکي ڪو اپديش ڏيو!"

اٿي جو توشو ڪٿو ڪرڻون اٿو ڇا ؟

جي ها

تہ يڪدم ويمون اتاريو

لائيف انشورنس ڪمپني لميٽيڊ بامبي ۾

ـہ ديسي ڪمپني - برپا ٿيل ١٩١٦ع

رزورو فنڊ اٺن لکن کان مٿي .

ـت جون پالسيون سڀني ڪمپنين کان وڌيڪ
ـندڙ آهن. جيڪڏهين توهين ڪنهن بہ وقت
تہ ويہي جون قسطون بند- دوا درمل خرچ
ماهيانو پگهار توهانکي ڪمپني وٽان ملندو-
جيٽري رهڻ تائين ٻڍي اوستا ۾ پينشن بہ ملندو.

غريبن لاء خاص نئين پالسي

٠-٨-١ يا ٠-٠-٢ روپيہ ماهوار ڀرڻ سان پنهنجي
لاء توهين يڪدم هڪ هزار روپيہ جو توشو
گهو ٿا.

لکپڙهہ ڪريو

ـچہ مئنيجر زينٿ لائيف انشورنس
ڪمپني لميٽيڊ- مري بلڊنگ
مئڪلاوڊ روڊ- ڪراچي.

چٽڪا

ٻڌ جو پيغام:- سيلون جي اخبار ”ٻڌ سٽ“ ۾ واسواڻيءَ جو هڪ ليک ڇپيل آهي جنهن ۾ هو لکي ٿو ته: ”ٻڌ جو پيغام هو صلح ۽ سانت جو پيغام، پوترتا ۽ پريم جو پيغام“- واسواڻي ٻڌ جي ڳالهيءَ مان ڪي سنڌر ٽڪرا ڏئي ٿو، جئن ته:- ”ڳالهه تي سوچ ڀاءُ- هزار دشمن جنگ ۾ تو فتح ڪيا، ته ڇا ٿيو؟ سچي سوڀ سو پائي ٿو، جو جنهن پاڻ کي ماري ٿو“- ”جئن ڏور هوا جي آمهون سامهون وري وڃي ان جي منهن ۾ پوي ٿي جو مٿي وسائي ٿو، تئن جو بيگناهه کي نقصان پهچائي ٿو تنهن جو خراب ڪرم وري مٿس اچي ڪري ٿو“. گوتم ٻڌ جي جيون ۽ سکيا ۾ هڪ سڳنڌ آهه. گوتم کي غريبن ديڻن لاءِ گهڻو پيار هو- گوتم کي واسواڻي ”شيوا جو اوتار“ ٿو ڪوٺي ۽ گوتم جي سنديش ۽ جيون چرتر جي بابت سنڌي نوجوانن کي وڌيڪ اڀياس ڪرڻ جي ضرورت آهي. [سنسار سماچار]

Printed and published by Tahilram Lokumal Punwani,
at the
National (Electric) Printing Works, Hyderabad Sind.

Reg.No. S. 389.

تيرٿ واسي



سيتا کي هنومان منڊي اُچلائي ٿو
واسواڻي

آتم گيتا

هن سندر پستڪ ۾ واسواڻيءَ جون پرارٿنائون ڇپيل آهن. هي پستڪ ۴ ڀاڱن ۾ نڪرندو. پهريون ڀاڱو هن تيار ٿيو آهي. "سنسار سماچار" اخبار انهيءَ پستڪ لاءِ لکي ٿي ته:- "هن سندر پستڪ ۾ واسواڻيءَ جي هڪ هڪ پرارٿنا ۾، آهي سر سوز جو، آهي پياس جي پڪار. هن پستڪ ۾ ٿورن ڏينهن اندر گهڻي گهر ٿي رهي آهي ۽ حيدرآباد ۾ ته ڪيترن گهرن اندر هي سندر پرارٿنائن جو پستڪ شاستر وانگر پڙهڻ ۾ اچي ٿو. خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته هي پستڪ نه فقط وڏن ڀائرن ۽ ڀينرن جي هٿن ۾ آهي پر ننڍيون ڇوڪريون به هي پستڪ پريم سان پڙهن ٿيون. پرارٿنائون سرل ۽ مٺيءَ ٻوليءَ ۾ آهن. شل آتم گيتا سڄي سنڌ ۾ وڃي، ۽ گهر گهر اندر شل سندس آواز ۽ پيغام نر نارين کي سڀاڳ ڪري!"

هي پستڪ ۴ ڀاڱن ۾ نڪرندو، هر هڪ ڀاڱو ٽن مهنن کانپوءِ. هر هڪ ڀاڱي جي قيمت ٦ آنا آهي؛ تنهن کانسواءِ ٽپال جو خرچ هڪ آنو. پر جيڪو سڄي سال جو چندو ڀريندو تنهن کي پستڪ جا چار ڀاڱا ڏيڍ روپئي [١-٨-٠] ملندا ۽ ان کي ٽپال جو خرچ ڪو نه ڏيڻو پوندو.

آتم گيتا ۾ واسواڻيءَ جو درد ڀريل دل جو آواز آهي،
آتم گيتا کي کيسي ۾ رکو، پنهنجي دل جي نزديڪ!
آتم گيتا کي کوليو؛ روز پوڄا جي وقت پڙهو، ۽ هڪ هڪ پرارٿنا جڏهن پڙهو تڏهن اُنجو ڌيان ڪريو. آتم گيتا ڪيترن دکي دلين کي آرام ڏنو آهي. آتم گيتا روز پڙهو، ۽ ان جي پيغام جو جيون ۾ اڀياس ڪريو.

مئنيجر "سنڌ مالا" آفيس، هيرآباد- حيدرآباد سنڌ.

پرستاونا

ـين سيئي آهيون ٽيرٿ واسي. اُنهيءَ منڊر جا
ـاسي، جت اَنٽي پهر اَلک جي جوت جاڳي ٿي.
ـي اها ڳالهه ياد رکون ته اسين سڀ ٽيرٿ واسي،
ـجيڪر سمجهون ته ٻاڻ کي ٻين کان ڌار ڪرڻ
ـه. اسين سڀ ٽيرٿ واسي؛ ته ندا جدا جدا، رنگ
ـدا؛ پر هڪ هڪ آتما آهه، هڪ هڪ اَمر آهه،
ـڪ الک جي منڊر ڏي ٽيرٿ واسي. ڪيترا ته
ـ ڪم ڪاريون ڪن جڙ ته قلعه ڪوٽ اڏائڻا اٿن!
ـگو، پر تڏهن جڏهن انهيءَ ڪم جي اندر ڪجهه
ـه ياد گيري رکون، اُنهيءَ الک ڌام جي جتان
ـون ۽ جت وري وڃڻو آهه. نه ته ڪم ڪاريون
ـن اسانکي وڌيڪ اڙڪائيندڙيون، وڌيڪ چڪڻ
ـڪنديون. ٽيرٿ واسي ٿي اسانکي ڪهڙيءَ طرح
ـي، انهيءَ بابت هن اَنڪ ۾ ڪي ويچار رکان ٿو.
ـچار ننڍن سوٽرن جي روپ ۾ ڏيکاريل آهن.
ـپارت ۾ سکيا اکثر سوٽرن ۾ ملندي هئي. پراچين
ـ جي سکيا، جا اسين هن وقت ته پڙهي سگهون

سمرپڻ

ساڌو هيرانند جي ڪمل چرڻن ۾!
واسواڻي

وشيہ سوُچي

سنت مالا- ساليانو چندو ٢-۴-٠
هڪ ڪاپي - ڏيڍ آنو

ٻـرار ٿـنـا

ستگر! منهنجا ٺاڪر! منهنجا پريتم! ڏس
سانجا ۽ حال نماڻا ۽ ڏس تون هي حال نماڻا، ۽
سان وٽ راڻا!

ستگر! تخت تنهنجا لک هزارين. سي تخت
ڏي غريبن نماڻن وٽ اچڻ چاهين ٿو ۽ اها
سڪيا اسان ٻڌي آهه ۽ سونهن وارا! تون تخت
چين ٿو انهن وٽ جن جي اندر آهه ڪجهه نه
اس تو واسطي. ڏس تون اسانجا هي حال نماڻا ۽
سان وٽ، راڻا!

گر صاحب! وڏن ۾ وڏو تون! پر پيار تنهنجو
جي نئڊا نماڻا. شاه پاتشاه، ودوان پنڊت،
ونتي تنهنجي تلاش ۾ ۽ پر تون ڏکين، ڏينن
س ۾! ڏس تون اسانجا هي حال نماڻا، اچ تون
ت، راڻا!

ج جو تيج تنهنجي تيج جو هڪ ڪڻو آهه ۽ چنڊ
ل جوت تنهنجي جوت ساگر جي هڪ نئڊي
ساري جهان ۾، زمين آسمان ۾، جو سڀ ڪجهه

ٽيرٿ واسي

ٿا، سؤٽرن جي روپ ۾ ڏنل آهه. هڪ هڪ سؤ
(Sutra) ۾ اکر ٿورا، پر ويچار ڳوڙها. هڪ هڪ سؤ
سؤلائيءَ سان ياد ڪري سگهجي ۽ هڪ هڪ سؤٽر ج
وري وري ڌيان ڪري ان جي اندر لڪل خزانو حاص
ڪري سگهجي. مان هڪ ٽيرٿ واسي، هن انڪ
ست سنگين جي چرنن ۾ ڪي سوٽر رکان ٿو؛ پيار
پياس سان رکان ٿو. پيار اٿم؛ ڇو ته هڪ هڪ ست سنگ
مون سان گڏ انهيءَ هڪ ڪٽنمب، هڪ پروار، هڪ
فئملي (Family) جو ڀاتي آهه جت سڀو ستگرو آهه اسا
سڀن جو ماتا پتا:- "تم مات پتا، هم بالڪ تيري". پياس
اٿم؛ ڇو ته چاهيان ٿو ته منهنجو هڪ هڪ پيارو ست سنگ
ٽيرٿ واسي ٿي رهي ۽ نه هن دنيا ۾، هن مايا محل جي
رنگ ۾، محو ٿي هي مانک جنم نشٽل ڪري. شل هن
سوٽرن تي سڀي ستگرو جي آسيس ٿئي ته جيڪ
پڙهن تن مان ڪن جي دلين اندر ڪجهه نه ڪجهه سڪ
ڪجهه نه ڪجهه پياس پيدا ٿئي پريوءَ جي واسطي!

ست داتا

(١)

ٿي وچين گُل گـڏ ڪر، سپاٽي الائـي ڪٿي
ڪنهنکي خبر؟ اج جـو وجهہ نـہ وڃاءِ. وقت
تو اُڏامندو! نـہ دير ڪر! نـہ سيان ٿي رکـہ!
ٿيڻي سو اج ڪر!

(٢)

ٿي ڪماءِ! داسن جـو داس ٿـي! اج ڪـماءِ!
اءِ!

(٣)

نيم اٿيڻي، ٻہ ساٿ نائون. تنکي نہ وسار؛ ٻہ نيم،
نائون، (١) سچ ۽ (٢) اهنسا.

(٤)

حال ۾، دک سک ۾، چوندو رهہ:- ”شڪرانـا!
!“

(٥)

رک مَنا! پريتم تنهنجي پاس؛ پوءِ ڇو پيو پٽڪين
ي؟

(٦)

ڪر ۽ وسار! ياد ڪر پنهنجي يـار کي! ۽ وسار
ي دُور کي!

تيرٿ واسي

آهه سو تنهنجي خزاني، اکٽ ڀنڊار جو هڪ ڪڻو آهه. تيري مهما ڪٿن نہ جاءِ! تنهنجي وڏائيءَ جو اڻ آکر بہ ذڪر ڪري نہ سگهون. وڏن ۾ وڏو تون؛ شاهن جو شاهه تون؛ ۽ پريم توکي آهه مسڪينن، دکين، سڪايلن، سڪ وارن جي واسطي. ڏس تون اسانجا هي حال نماڻا؛ اچ تون اسان وٽ، روح جا راڻا!

ست گر! تنهنجي ست ڪار ڪرڻ لاءِ اسان وٽ نہ ڪجھ بہ ڪين آهي. تنهنجي ڪمل چرنن ۾ ڪهڙي ڀيٽا ڌرون؟ نہ دنيا جو روپ، سون اسان وٽ آهه؛ نہ راڳ جا اوزار؛ نہ سر تال ڄاڻون؛ نہ ساز سارنگيون اٿئون؛ پوءِ ڪئن ڪريون تنهنجي آرتي؟ فقط هيءَ اسان کي خبر آهه تہ دکين، ديننن تي مهر جي نظر تون ڌرين ٿو. ڏس تون اسانجا هي حال نماڻا! اچ تون اسان وٽ، روح جا راڻا!

نہ طاقت اٿئون جو اسين ڌو وٽ اچون؛ آءُ ڌون پاڻ! پريم جا پيرا پري! اچ تون اسان وٽ پاڻهي. ڏس تون اسانجا هي حال نماڻا! اچ تون اسان وٽ، راڻا!

هن سيوڪ داس جي ارداس تنهنجي چرنن ۾ تون سويڪار ڪر! هن وقت جي پرارٿنا، تنهنجي ڪمل قدمن ۾ پرارٿنا، تون قبول ڪر! قبول ڪر!

واسواڻي

(١١)

ڻنگ جوت شيطان سان؛ صلح ڪر اِنسان سان.

(١٢)

ٿهنجو پاڻ وسار ته پريتم تنهنجي دل ۾!

(١٣)

ٿڙت بنا نه ڪنهن ڏنو ڪمل مُکرو محبوب جو.

(١٤)

س پيارا! پنهنجي پدارت ۾ ڪيڏو نه انند آهه!
وح جي روشني وچي جهڪي ٿيندي.
جن رهين جو آواز وڌيڪ ٻڌين، تن آتما جو
هت ٻڌين.
هوسون ڇا ڪبو جو رام رتن ڪسي وٿي؟

(١٥)

ئن ڪت لوه کي وچي ڪائيندي، تن اهنڪار
آتم شڪتيءَ کي ڪائيندو.

(١٦)

ڪ ڪٿي آهه؟ دنيا جو ڪوٻ چشمو هيءَ پياس
ئي. نام جل بنا هيءَ اُڃ نٿي اُتري.

(١٧)

وت جو ڊپ نه ڪر؛ پر موت کي روز ياد ڪر!
؛ روز پاڻ کي تيار ڪر!

(١٨)

ٿهنجو سوراج آهه غريبن دکين جي شيوا!

(٧)

مان پنڊت ٿي پڙهيم، تون پنڊت پاون! نه رڪ، تون
مونکي پڙهي پڙهي!

(٨)

عامل ڪير؟ جو عمل ڪري!
براهمڻ ڪير؟ جو برهم سڃاڻي!
جوڳي ڪير؟ جو جاڳي، جاڳي الک ته پائي!
ساڌو ڪير؟ جو پانچون وس ڪري، هر رس پائي!

(٩)

سورڳ ڪٿي آهه؟ دلبر جي ديدار ۾.
ديدار ڪٿي آهه؟ دل جي مندر ۾.
پوءِ ڇو پيو ٿو ڀٽڪين؟
ڇو ڳولين تارن ۽ آسمان ۾؟
ڇو پيو ڀٽورين پاڪ کي جهان ۾؟
سچو سورڳ اتي ئي اندر ۾!

(١٠)

پستڪ پڙهيا ويهي پڙهيم، ڇا مليو؟
علم وڏي اختيار ڪيم،
ور ور ورق ورايم، ڇا مليو؟
ستگر صاحب ڪرپا ڪئي، دئي سڀ دور ٿي.
وچ دل مندر جوت ملي!
اندر انهد شبد، اندر موهن مرلي ملي!

(۲۴)

ھن جيتيو آھ، پاڙڪي، سو سور من ۾ سور مو، سو
و شاھ.

(۲۵)

اٿيٺي پيارا! دنيا جو پوڳ، جڏن گھٽو ڪندين،
ء اُج ويندي وتندي.
ر جي اُج تڏھن اُتري، جڏھن پوينم اچي پاڻ
ري!

(۲۶)

و ماڻھو ڪير آھ؟ نہ اھو جنھن کي نوڪر چاڪر
دنيا ۾ مشھور آھ، پر سو سياڻو جو روز روز
ي ھلي تو؛ نہ دنيا جي پرواھ رکي تو.

(۲۷)

ڏھن ڪو بہ پريوء جو پيارو ڏسين تہ ياد رکہ ھڪ
ن کي اٿيٺي دکہ، درد دل ۾!

(۲۸)

ڇو خزانو ڇا ۾ آھ؟ نہ ڌن دولت ۾؛ پر ڌن
جي بي پرواھيء ۾!
يوء کي ڇا پسند آھ؟ نہ ننھڙا وڏا ڪم، پر
دل جو وڏو پيار- ڪھڙو بہ ننڍو ڪم ڪرين
وڏو پيار وجھہ، تہ پوء قبول پوين درگاھ ۾.

(۲۹)

ارا! ڏس! ڇا وينو ڪرين؟ ھمہ پرديس ۾ وينو

(١٩)

يار مسافر! ڪاڏي ٿو وڃين؟ ڪاڏي؟
تنهنجو پيارو نه ڪنهن جهنگل غفا ۾ آهه.
موت! يار مسافر موت! پريتم ته تنهنجي پاس آهه!
پوءِ ڇو وڃين تون پري پري؟

(٢٠)

سچي ٻاڻي ٻول ۽ سچا ڪرم ڪر!
سچ ۾ ئي جيون جي جوت ڏس!
هڪ ڏينهن تون پاڻ سچ جي آرسي ٿي پوندين!

(٢١)

جت پريم آهه، اُت پريو آهه.

(٢٢)

ياد رک ته آهين موت جي ميدان ۾؛
ڪلهه ھُنجو وارو؛ اڄ اڄي تو تنهنجو وارو.
سو ياد ڪر! تون ياد ڪر!
۽ نه ويهي رهه تون ويسر ۾!

(٢٣)

سمنڊ کي بس سيما، حد آهه؛ پر پريو جو پريم آهه
بيحد اسرار! اُنجي هڪ لهر ۾ ئي اشنان ڪرين ته سڀ
داغ دل جا ڌوپي وڃن!

(٣٤)

بنا آتم شڪتي نہ ڪڏهن ڪُلي آهہ، نہ ڪلي
.

(٣٥)

جئي تو اننت جيون ۾، سو مري ۽ تو محبوب
ن حياتيءَ ۾ ٻئيءَ جي شيوا ڪري ٿو، سو
اُن سچي پريتم کي ملي ٿو.

(٣٦)

ن آزادي، سچي آزادي، ڪٿي آهہ؟ سچي
اندر جي آهہ، نہ ٻاهرين.
ي آزاديءَ جي روشني سادن، نماڻن جي
۾ ٿي چمڪي!
چي آزادي اُن کي آهہ جنهن اندرين تي ضابطو
ي.
ن آزادي آهہ پاڻ کي ارپڻ ڪرڻ ۾. پاڻ کي
ارپڻ ڪر ستگروءَ جي چرڻن ۾.
چي آزادي اٿيئي ڀڳوان جي ڀڳتيءَ ۾.

(٣٧)

ت گر صاحب جو سپاهي سو آهہ جو نہ ڪُرڪي
جهي، پر سڀ سهي ٿو صبر ۾!

(٣٨)

پيارا! وڃو ڌن دولت ڪٺي ڪرڻ! وڃو ڪُلهن

بنگلا اڏائين ۽ ڀر پنهنجي ديس ۾ گهڙ و مڪان تو ناهين؟
پيا جي ديس ۾ آهه. ديس تنهنجو؛ اُت ناهه مڪان
پنهنجو. پوتر ويچار ۽ نرمل ڀاو سان، سچ ۽ پريم جي
شڪتيءَ سان، ناهه مڪان پنهنجو پنهنجي ديس ۾،
پريتم جي ديس ۾.

(٣٠)

خلاصيءَ جي پريکيا آهه، طوفان ۾ جڏهن سمنڊ جون
لهرون شوخ ۽ تيز لڳن. تڏهن تنهنجو امتحان، پيارا! تڏهن
آهه جڏهن دک درد جون لهرون تنهنجي اڳيان اچن.
انهيءَ وقت صبر ۽ صدق مٿان چڙهين! انهيءَ وقت سر
جهڪاءِ ست گروءَ جي چرنن ۾! ته پوءِ دک درد جون لهرون
توکي پوتر نرمل ڪري تو مٿان هليون وينديون.

(٣١)

ڏيان تي ظابطو رک ۽ پنهنجي ڪم ڪار ۾ رک اهنسا
جي روشني. انهيءَ روشنيءَ ۾ هلندو رهه، ته پوءِ اونده
اندڪار جو ڀپ سڀ هليو ويندو.

(٣٢)

سچ لاءِ پياس رک! ۽ من جي ويچارن کي لغام ۾
قابو رک! ويچار وڏي شڪتي آهه؛ تنهنڪري ويچارن
جي سنڀال ڪر ۽ مليننا کان من کي پري ڪر!

(٣٣)

ست گر اتيشي دل جي مندر ۾؛ سندس روپ آهه
اندر جي روشني- تنهن روشنيءَ جي آڳيا ۾ رهه!

(۴۴)

ر! سو شٽي اتيڻي ست گر جو ويـد! پريوء جو
هڪ هڪ تاري ۾ سندس ويچار جي جوت آهه؛
ڪ گل ۾ سندس پوترتا جي سُونهن آهه.

(۴۵)

هند هـو حاضر آهه، پر ڪوبه مڪان ڪيس قابو
ري سگهي.

(۴۶)

يوء بنان گهر به قيد آهه؛ ۽ ديس به بنواس آهه-
جي سمرط سان دک، درد، دوزخ ۾ به دل جو
هه.

(۴۷)

ست جي تلاش به اننت آهه.

(۴۸)

ع کي ضرورت آهه ميڻهن جي- توکي، پيارا،
ت آهه ڳوڙهن جي- ڳوڙها ڳار ته تو ۾ پرينم چمڪي!

(۴۹)

چاڻي آهه وڏي وديا؛ اوديا آهه اپوترتا.

(۵۰)

وه نه ڏي پين کي، فقط پاڻ کي!

(۵۱)

ول ته لهين! ارادو ڪر ته فتح پائين!

تي بار چاڙهين! ڀوءِ ڪٿن چڙهندين چاڙهي؟ چاڙهيءَ مٿي اٿيئي مندر محبوب جو، ۽ دروازو اٿيئي سوڙهو! بار لاهه! ٿي خالي ۽ ڀوءِ وڪ وڌاءِ، ته وڃي پهچين محبوب جي مندر ۾!

(٣٩)

جن کي نمرتا ۽ نيهن، تيرنه گسي تن جو.

(٤٠)

دان ڪرين ٿو ۽ ڀو گهمنڊ ڇا جو؟ تنهنجو سڀ دان ته اصل کان آهه ڀڳوان جو دان. ڀڳوان ئي توکي ڏنو آهه جو تون ٻين کي ڏين ٿو. جي اها ڳالهه وڃي هردي ۾ هنڊائين، ته جيڪر نمرتا جلد سکين، جلد سکين!

(٤١)

نمرتا بنان اٿئي بي آرامي- جي سانت کپيئي ته سڀني اڳيان سر جهڪاءِ.

(٤٢)

پٿرن ۾ ٻج ڀوکي نه سگهجي؛ جنهن دل ۾ ويرورود آهه، تنهن دل ۾ پرارٿنا اُڀي نه سگهي.

(٤٣)

زهر مان نقصان آهه ڀو ڪن بيمارين ۾ زهر به دوا آهه. تئن جن کي اسين دشمن ڄاڻون ٿا، سي دشمن اسان جي دوا آهن؛ اسان جي اهنڪار کي گهٽ ڪن ٿا، ۽ اسان کي صبر ۽ صدق سيکارين ٿا.

(٥٨)

ڇي شيوا سا جنهن ۾ ڪنهن بہ اُجوري جي
آهي.

(٥٩)

يان ڇا آهي؟ نہ پستڪن جا اکر، پر جوت جو
. پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ آهي اندر ۾ جوت پسڻ.

(٦٠)

خبر نہ آهي تہ ڪنهنجي ڏينهن جي پڇاڙي ڪڏهن
ڏس! ڪيترا هليا ويا ۽ سندن سڀ سانجهيءَ کان
و! ڪنهنڪري ترس نہ؛ پر سمرڻ ڪر! هيءَ ٿي
؛ هي ٿي ويلا! ياد ڪر! ياد ڪر! ڪهڙي خبر
ي رات، موت جي رات، سانجهيءَ کان اڳي اچي؟
ڪ وقت نہ وڃاءِ! پر هنئر ئي سمرڻ ڪر! ۽ سچي
گر جي همت ئي آسيس وٺ تہ پٽ سان گهر پهچين!

(٥٢)

پرچار ٿيو ته ڇا ٿيو؟ موتين جي مُلهه جي مورکن کي ڪهڙي خبر؟ دنيا جو دڪه دور ٿيندو نه پرچار سان پر آچار سان! وڃي ڪم ڪر! وڃي مثال ڏي! وڃي جيون جي جوت پرڪاش ڪر! جڳت جو آڌار آهه نه اکرن ۾، پر شڪتيءَ ۾! وڃي پريم شڪتي پوکه!

(٥٣)

سين مها پرشن جو ميلاپ هن هڪ سکيا ۾ آهه ته ڪر سچ جي پوڄا.

(٥٤)

پيار ڇا آهه؟ پکيءَ جو راڳه! هڪ هڪ پکي آهه؛ پريم نام جو پکي- هڪ هڪ جي دل اندر راڳه آهه؛ پر اهو راڳه اڪثر بند آهه.

(٥٥)

سچ پچ سچ جي تلاش ۾ آهين؟ پياس رکه!

(٥٦)

پنهنجي جيون قانون جي ڏاڍي ۾ بڌ؛ نه ائين چئه ته "منهنجي مرضي!"

(٥٧)

آتما جي شرط وٽ ۽ پاڻ کي ارپڻ ڪر! پوءِ وڃي اُتار! ڪن پاڻن، ڪن پيرن کي ننڊ جي نشي مان، وڃي اُتار! وڃي ڪن نه ڪن جي شيوا ڪر!

تو تہ:- ”ٻيہ ٻوجهہ واسطي ظاهر ڪيو آهي
آباد ۾ اسانجون ڀينرون ڪن ھاڪندي ساڻن وٽ
ين پٽڪن ٿيون، جنهن مان ڪڙو خراب نتيجو
و هوندو سو سڀ سمجهو ٻاهر جاڻي سگهن ٿا. اسان
ل کي اهڙيون دڪدائڪ خبرون ڪيترن هنڌان
ن، ۽ اهڙين حالتن کي سڌارڻ واسطي ”هند و ٻيٽي
منڊل“ هرڪا ڪوشش ڪندو. سڀني ڀائرن کي
ٿي ڪجي تہ منڊل کي هرڪا مدد ڪن، جئن
سنڌ ۾ ڌرم جو واهو منڊل پيدا ٿئي.
ڳا ڳو! جاڳو!:- انهيءَ وشيہ تي هڪ ”خاطو“
سماچار“ ۾ لکي ٿو تہ:- ”ڏاڍي ڏکہ جي ڳالهہ آهي
رآباد شهر مان ڪيترين زالون ڦليليءَ تي ڪن
ن وٽ رات جو وڃن ٿيون ۽ رات جو ١٠ ٻجي
رهن ٿيون. انهيءَ ڳالهہ حيدرآباد ۾ گهڻن کي
ڪيو آهي. واسطي هڪ وڏي ميڙ اڳيان
رواج کي سخت اکرن ۾ نندڻو ۽ ڀينرن
دار اکرن ۾ انهن هنڌ ڦليليءَ تي وڃڻ کان منع
ن ۽ جيائين تہ ”ائين رات جو ڏهين ٻجي تائين
ن ٻاهر رهڻ ڀارت جي برهمڻ ٻوتر آدرش جي
آهي.“ واسطي جيو تہ ”مونکي افسوس آهي تہ

چنڊا

ساڌو هيرانند:- ١٤ جولاءِ ١٨٩٣ ۾ سندس ديهانت ٿيو. سندس تصوير منهنجن اکين اڳيان وري وري پيئي ڦري. سال سارا گذري ويا؛ سندس چرنن ۾ ويهي مون سکيا ورتي. ڪلاس ۾ اسان کي پاڙهيندو هو ته آکاڻيون پڙائيندو هو ۽ اتهاس مان ڳالهيون. پر سڀ کان اتم اپديش هو سندس جيون جو گيت. سندس زندگي هڪ راڳ هئي، پريم جو راڳ، شيوا جو راڳ. شل سندس ورسيءَ تي ايشور جي اهڙي آسيس ٿئي جو ڪن ڀائرن، ڪن ڀينرن جي دلين اندر وڌيڪ اُتساهه اچي انهن ٻن گڻن واسطي جي ساڌو هيرانند جي جيون ۾ پئي چمڪيا:- (١) شيوا ۽ (٢) پرارٿنا! شل ساڌو هيرانند جي پرارٿنا گهڻن دلين اندر اُٿي:- "جنهن پرڀوءَ پرڀات ۽ سانجهه کي موڪليو آهه، تنهن پرڀوءَ جا گڻ شل ڳائيندو رهان!"-

هندو نيٽي ورڪ منڊل:- ڪراچيءَ جي هندو نيٽي ورڪ منڊل جو سيڪريٽري "سنسار سماچار"

…ن نشانيون آهن پوترتا، پرارٿنا ۽ شيوا. واسواڻي
…ڪري رهيو آهي ته، حيدرآباد نگر ۾ ڌرم جو
…ن پوتر ٿئي ۽ ايو جهڙ استريون انهن جي سنگر ۽
…ن ٻچن جي ڌرم جي لباس ۾ ايو جهڙ استرين کي
…ا آهن ۽ جن جي جيون ۾ پوتر آدرش جي جوت
…ي جمڪي. واسواڻي جي ڪوشش کي اميد ته،
…جا سمجهو ۽ پڙهيل ماڻهو هر طرح مدد ڪندا."

…مان جو اُن:- گورسنگت ۾ آرتوار جي اُپديش
…ي هڪ ماڻهوءَ جي ڳالهه پڌائي ته ڪئن نه هن
…پتا جي وڏي ملڪيت ڇڏي، ڇاڪاڻ ته،
…پتا اها ملڪيت سچ سان نه ڪاهي هئي. واسواڻي
…" جي اوهين ست سنگي ٿيڻ ٿا چاهيو ته سچ جو
…. جو اُن اسين ڪوڙ جي پئسن سان وڻون ٿا،
…ي ملين ڪري ٿو. ايمان جو اُن اسانجي آتمڪ
…و بنياد آهي."

…وديشي:- "سوديشي سنگهه" جي پتري نمبر ٥
…ءَ جو هيٺيون سنهو جملو آهي:- "نه فقط "سوديشي"
…سچا سوديشي ٿيو. ڀارت جي پوتر آدرش جي جوت
…جا ڳايو ۽ غريبن جي شيوا ڪري پريوءَ کي پايو!"

…ون وايو منڊل:- سنڌ جي مشهور روزاني اخبار

ڌرم جي لباس ۾ اڄ ڪلھ ڪي ماڻھو راڳ، روپ ڪري
ابوجھ استرين کي ڦري رهيا آهن، ۽ وري ڪي تہ
ويچارين استرين جي شان ۾ بہ ھٽ وجھي رهيا آهن.
منھنجو فرض آهي تہ مان خاص ڪري ڀينرن کي چتاءُ
ڪريان تہ اھڙن لباسي ماڻھن کان پاسو ڪريو. ڌرم راڳ،
روپ ۾ ڪونہ آهي؛ ڌرم آهي پوتر جيون ۾، جنھن
کي پئسي جي لالچ آهي ۽ جنھنجي اکين ۾ شيطان
آهي، تنھن کي ڪھڙو بہ ڌرمي لباس ھجي تہ اُھو شيطان
جو غلام آهي. جيڪي استريون ڦليليءَ تي ١٠ ٻجي
تائين رهن ٿيون ۽ وقت وڃائين ٿيون سي ڌرم ڪونہ
ٿيون ڪمائين. انھن ڀينرن کي مان چوان ٿو تہ جو ڀيڻون
ڀٽڪو ٻري ٻري؟ پرڀوءَ جي آسيس ڪٿي توهان کي تہ
ڀٽڪڻ ڇڏيو! نہ راڳ روپ تي مُنجھي پئو! سچو ستگر
اٿو دل جي مندر ۾! گھر کي ٺاڪر جو آستان بڻايو!
نہ وڃي ٻاھر ڀٽڪو؛ پرڀوءَ کي ڳوليو اندر ۾!"
اميد تہ واسواڻي جا اکر اثرائتا ٿيندا ۽ حيدرآباد
جيڪي بہ جدا جدا هندن ست سنگ هلائين ٿا سي واسواڻي
جي صلاح تي هلندا ۽ سندس سکيا جي پيروي ڪندا
لباسي ڌرم نہ کپي، پر کپي اھو سچو ڌر

ياتيءَ جو توشو ڪٿو ڪرڻون اٿو ڇا ؟

جي ها

تہ يڪدم ويمون اتاريو

لائيف انشورنس ڪمپني لميٽيڊ بامبي ۾

اجہ ديسي ڪمپني - برپا ٿيل ١٩١٦ع

رزورو فنڊ اٺ لکن ڪان مٿي .

ينٽ جون پالسيون ٻين ڪمپنين کان وڌيڪ
ڏينڊڙ آهن . جيڪڏهين توهين ڪنهن بہ وقت
ٿو تہ ويمي جون قسطون بند . دوا درمل خرچ
ء ماهيانو پگهار توهانکي ڪمپنيءَ وٽان ملندو.
واء جيٽري رهڻ تائين بدي اوستائين پينشن بہ ملندو.

غريبن لاء خاص نئين پالسي

قط ٠-٨-١ يا ٠-٠-٢ روپيہ ماهوار پورو سال پنهنجي
ب لاء توهين يڪدم هڪ هزار روپيہ جو توشو
سگهو ٿا .

لکپڙه ڪريو:-

رانچ مئنيجر زينٿ لائيف انشورنس
ڪمپني لميٽيڊ - مري بلڊنگ
منڪلاڙ روڊ - ڪراچي .

چٽڪا

"سنسار سماچار" لکي ٿي:- "ڪيترن ڏينهن کان واسواڻي
جدا جدا هنڌن هن ڳالهه تي زور رکيو آهي ته ٽڪاڻن ۽
مندرن جو وايو منڊل پوتر هئڻ کپي. خوشيءَ جي ڳالهه
آهي ته هينئر جاڳرتي وڌندي وڃي ٿي ۽ واسواڻيءَ جي
ڪم کي ڀائر ڀينرون مدد ڏيئي رهيا آهن- جيڪي ڌرم
جي لباس ۾ فقط راڳن روپن سان ماڻهن کي خوش ڪرڻ
ٿا چاهين ۽ پنهنجي جيون ۾ نڪي پوترتا نڪي پئسي
جو تياڳ ٿا ڏيکارين، تن لاءِ هينئر استرين ۾ به عزت
ڪانهي. ڪيتريون ابوجهه استريون به سمجهڻ لڳيون
آهن. واسواڻي هن ڌرمي سڌاري جي ڪم ۾ پاڻ کي ڏينهن
رات پتوري رهيو آهي. هينئر وايو منڊل اهڙو آهي جو
ڪيترن کي ڌرم لاءِ نفرت آهي، ڇو ته ڌرم جي نالي
۾ خرابيون ٿين ٿيون ۽ نوجوان چون ٿا ته "جي هي ڌرم
آهي ته اسان کي نه کپي؛ هي پاکنڊ آهي". نوجوانن کي
ڌرم لاءِ عزت تڏهن ٿيندي جڏهن ڏسندا ته ڌرم پرچارڪ
آدرش جا ماڻهو آهن. تازو واسواڻي چيو ته:- "ڌرم راڳ،
روپ ۾ ڪونهي؛ ڌرم آهي زندگي؛ پوتر زندگي،
سادي زندگي؛ شل پاکنڊ جي ڪٽ ٿئي ۽ نرمل ڌرم،
شيوا ڌرم جي جنم ٿئي!"

Printed and published by Tahilram Lokumal Punwani,
at the
National (Electric) Printing Works, Hyderabad Sind.

"سنت مالا" فنڊ

خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته سنتن جي جيون چرت
سکيا ۾ هنئر سنڌ اندر وڌيڪ چاهه پيدا ٿيو آهي.
واسطي چاهي ٿو ته نه فقط حيدرآباد ۾ پر سڄي
سنڌ ۾، شهرن ۽ ڳوٺن اندر، "سنت مالا" جا انيڪ هزار
جي تعداد ۾ نر ۽ ناريون، وديارٿي ۽ نوجوان ڇوڪ
۽ ڇوڪريون پڙهن. تنهن لاءِ ۽ واسطيءَ جي ديش
کي سنڌي ٻوليءَ ۾ پکيڙڻ لاءِ ۽ سري مد ڀڳوت گيتا
اُپنشدن ۽ گرنٿ صاحب تي سنڌس پستڪن کي ڇپائ
لاءِ هڪ فنڊ جاري ڪيو ويو آهي. تازو ڪيترن
ڪيترن پيڙن جي گهر ڪري واسطيءَ پنهنجن
جو هڪ پستڪ ڇپايو آهي ۽ اُنجو نالو آهي (۱) آتم
هن وقت فقط پهريون ڀاڱو ڇپجي تيار ٿيو آهي. ٻيو
وڌي ۳ مهنن ڪانپوءِ نڪرندو. اهڙيطرح سال ۾ "آتم گيتا
جا ۴ ڀاڱا نڪرندا. (۲) "سري سکمڻي صاحب
ارت سهيت" ڀاڱو پهريون به هنئر تيار ٿيو آهه. واسـ
کي (۳) "سري مد ڀڳوت گيتا: ارت سهيت
به وستار ۾ ڇپائڻو آهي.

"سنت مالا فنڊ" کي هر هڪ ست سنگي پا
پيڙو جي آسيس جي ضرورت آهي. پاڻن ۽ پيڙن
وينتي آهي ته فنڊ ۾ جيڪي به ڏين تنهن جي
مهرباني ڪري وٺن.

مئنيجر "سنت مالا" آفيس، هيرآباد - حيدرآباد